REG NO. 3833

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني سنڌيار سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) سومر12فيبروري 2024 ع بمطابق ٻهرين شعبان المعظم 1445ھ(قيمت 10 روپيا) شمارو:258

قومي اسيمبلي جي سيٽن تڪن جا نتيجا اچي ويا، پي ٽي آءِ حمايت يافته اميدوار 92 سيٽون کٽي ڪامياب

ايم ڪيوايم پاڪستان 17، ٻين آزاد اميدوارن 8، جمعيت علماءِ اسلام 4، ق ليگ 3، استحڪام پاڪستان پارٽي ۽ بلوچستان نيشنل پارٽي 2_2 سيٽون حاصل ڪيون

پشتونخوا ملي عوامي پارٽي، مسلم ليگ ضيا، نيشنل پارٽي، پشتونخوا نيشنل عوامي پارٽي پاڪستان، بلوچستان عوامي پارٽي ۽ مجلس وحدت المسلمين هڪ- هڪ سيٽ حاصل ڪئي

چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ 4 رڪني بينچ اين اي 48 ۾ نتيجن جي مبينه تبديلي تي ٻڌڻي، اين اي 48 تي ڪامياب آزاد اميدوار راجه خرم نواز کي نوٽيس جاري ڪيو ويو

علي بخاري فارم 45 موجب ڪامياب ٿيو آهي، ريٽرننگ آفيسر اسان جي استدعا جي ابتڙ فارم 47 جاري ڪري ڇڏيو، اسان جي 50 هزار جي ليڊ کي ختم ڪيو ويو: تحريڪ انصاف جو اميدوار

اليڪشن ڪميشن استحڪام پارٽي جي نامزد ڪامياب آزاد اميدوار راجه خرم نواز کي نوٽيس جاري ڪندي ريٽرننگ آفيسر کي اسلام آباد مان اين اي 47 ۽ 48 جا حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ عام چونڊن لاءِ پولنگ ڪانپوءِ نتيجا اچڻ جو سلسلو مڪمل ٿي ويو ۽ سيني قومي اسيمبلي سيٽن جا نتيجا سامهون اچي ويا آهن. عام چونڊن جي غير حتمي ۽ غير سرڪاري نتيجن موجب قومي اسيمبلي ۾ تحريڪ انصاف جا حمايت يافته اميدوار 93 سيٽن سان سيني کان اڳتي آهن. جڏهن ته ن ليگ 75 ۽ پ پ 54 سيٽون حاصل ڪيون آهن. ان ڪانسواءِ ايم ڪيوايم پاڪستان 17، ٻين آزاد اميدوارن 8، جمعيت علماءِ اسلام 4، ق ليگ 3، استحڪام پاڪستان پارٽي ۽ بلوچستان نيشنل پارٽي 2_2 سيٽون حاصل ڪيون آهن. پشتونخوا ملي عوامي پارٽي، مسلم ليگ ضيا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: نواز ليگ سربراهه نواز شريف ايم ڪيو ايم جي وفد جي آجيان ڪندي

عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جي جنرل سيٽن تي 11 عورتون به ڪامياب

اسلام آباد (م ڊ) عام چونڊن ۾ قومي اسيمبلي جي جنرل سيٽن تي 11 عورتون به ڪامياب ٿي ويون. ن ليگ ۽ آزاد اميدوار 4_4، ب ب جون 2، جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي هڪ عورت اميدوار ڪامياب ٿي. قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 30 پشاور مان آزاد اميدوار شانداڻه گلزار، اين اي 67 حافظ آباد مان آزاد اميدوار انيقه مهدي، اين اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

حڪومت سازي لاءِ ڪوششون تيز، نواز ليگ جا پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيوايم سان رابطا

اڳوڻو وزيراعظم شهباز شريف بلاول هائوس لاهور پهتو، آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري سان ڳالهيون، ملاقات ۾ اعظم نذير تارڙ، اياز صادق، احسن اقبال، راڻا تنوير، خواجا سعد رفيق، ملڪ احمد خان، مريم اورنگزيب ۽ شازا فاطمه شامل

نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي ۾ اڳ ٿيل ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي، پ پ کي صدر، قومي اسيمبلي اسپيڪر، سينيٽ چيئرمين جي آڇ ڪئي وئي

پنجاب ۾ پ پ کي ڊپٽي وزيراعليٰ يا سينيئر وزارت ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي، پ پ ڏنل آڇ تي اڃا راضي ناهي ٿي،ٻئي جماعتون پنهنجي سي اي سي سان مشاورت ڪانپوءِ حتمي ڳالهه ٻولهه ڪنديون

نواز ليگ جو اعلىٰ سطحي اجلاس، نواز شريف پاران وزارت عظمىٰ لاءِ شهباز شريف جو نالو تجويز ڪيو ويو، پ پ، ايم ڪيوايم، جمعيت علماءِ اسلام ۽ ٻين جي حمايت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي

نواز ليگ حڪومت سازي بابت پنهنجون تجويزون اتحادين سامهون رکي گڏيل طور فيصلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، حتمي فيصلو پ پ سان ڳالهين جي فائنل رائونڊ ڪانپوءِ ڪيو ويندو

لاهور (م ڊ) حڪومت سازي لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت سان مسلم ليگ (ن) جو ٻهريون باضابطه رابطو مسلم ليگ (ن) جو صدر ميان شهباز شريف حڪومت سازي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي کان سهڪار وٺڻ لاءِ بلاول هائوس لاهور پهچي ويو پ پ جي صدر آصف علي زرداري، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ اڳوڻي وزيراعظم ميان شهباز شريف وچ ۾ حڪومت سازي تي ڳالهيون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف جي اڳواڻيءَ ۾ وفد پ پ قيادت سان ملاقات ڪندي

اين اي 121 تان ڪامياب پي ٽي آءِ لاهور جو جنرل سيڪريٽري ن ليگ ۾ شامل

پي ٽي آءِ جي حمايت يافته آزاد اميدوار وسيم قادر اين اي 121 ۾ ن ليگ جي روحيل اصغر کي شڪست ڏني هئي

تڪ جي عوام ۽ دوستن جي مشاورت سان ن ليگ ۾ شامل ٿي رهيو آهيان : وسيم قادر

لاهور (م ڊ) لاهور مان چونڊيل ايم اين اي ۽ تحريڪ انصاف لاهور جو جنرل سيڪريٽري وسيم قادر ن ليگ ۾ شامل ٿي ويو. پي ٽي آءِ جي حمايت يافته آزاد اميدوار وسيم قادر اين اي 121 ۾ ن ليگ جي روحيل اصغر کي شڪست ڏني هئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسان جي شهرين جي هن عظيم مينڊيٽ جو احترام ڪرڻ گهرجي: عارف علوي

مينڊيٽ کي کليل نموني تسليم ڪرڻ گهرجي، ووٽ لاءِ ٻاهر نڪرڻ تي عورتون ۽ نوجوان مبارڪباد جا حقدار آهن

سخت مالي بحران مان نڪرڻ، ڏکيا فيصلا ڪرڻ ۽ ماضي جون تڪليفون ختم ڪرڻ لاءِ هڪ حقيقي مينڊيٽ ضروري هو

اسان کي ان پرجوش جذبي جو مشن ملهائڻ گهرجي ۽ دنيا کي پاڪستان جو اهو خوبصورت چهرو ڏيکارڻ گهرجي

اسلام آباد (م ڊ) صدر عارف علوي چيو آهي ته اسان جي شهرين جي هن عظيم مينڊيٽ جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي کليل نموني تسليم ڪرڻ گهرجي. ووٽ لاءِ ٻاهر نڪرڻ تي عورتون ۽ نوجوان مبارڪباد جا حقدار آهن. سوشل ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڏسڻ چاهيون ٿا: خورشيد شاهه

ڪا هڪ پارٽي اڪيلي سر حڪومت نٿي ٺاهي سگهي، حڪومت سازي جو مرحلو پارٽي جي سي اي سي ۾ طئي ٿيندو

ميٽنگ ۾ اهم فيصلا ٿيندا، پارٽي اجلاس ۾ اسان هاڪاري فيصلا ڪنداسين، بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڏسڻ چاهيون ٿا

نواز شريف زرداري صاحب کان وڏي عمر جو آهي ان کي صدر ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته صدر وڏي عمر جو هوندو آهي



پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه

سکر (م ڊ) پ پ اڳواڻ خورشيد شاهه چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڏسڻ چاهيون ٿا. صحافين سان ڳالهائيندي خورشيد شاهه چيو ته ڪا هڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

گڏيل عرب امارتن ۾ تيز مينهن، تعليمي ادارا بند، ملازمن کي گهران ويهي ڪم ڪرڻ جي هدايت

ابو ظهبي (م ڊ) گڏيل عرب امارتن جي 7 مان 6 رياستن ۾ تيز برسات ڪانپوءِ تعليمي ادارن ۾ سومر تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پ پ اڄ سينٽرل ايگزيڪيٽو ڪميٽي اجلاس سڏائي ورتو

زرداري هائوس اسلام آباد ۾ اجلاس ۾ حڪومت سازي بابت اهم فيصلا ڪيا ويندا

نواز ليگ سوڌو ٻين جماعتن سان رابطن جو جائزو ورتو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) پيپلز پارٽي جي ترجمان موجب پ پ سينٽرل ڪميٽي جو اجلاس اڄ اسلام آباد ۾ طلب ڪيو ويو آهي. ترجمان موجب سينٽرل ايگزيڪيٽو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ جي مختلف علائقن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ پاران احتجاجي مظاهرا

حيدرآباد ۾ جي يو آءِ ڪارڪن پاران تاج محمد ناهيون جي اڳواڻي ۾ واڌو واهه پاس پل تي احتجاجي مظاهرو

ميرپورخاص، شڪارپور، مٽياري، سانگهڙ، مٺي، عمرڪوٽ، مورو، غوثپور، لڪي غلام شاهه، ٻيرلو، ٽنڊي باگو، سڪرنڊ ۾ به احتجاج

ڌانڌلي ذريعي جي يو آءِ جو مينڊيٽ چوري ڪري چور عوام مٿان مڙهيا ويا آهن، پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مختلف علائقن ۾ عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي ۽ نتيجن ۾ ڦير ڦار خلاف جي يو آءِ پاران احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لاڙڪاڻو: جي يو آءِ ايف جو اڳواڻ مولانا راشد خالد محمود سومرو احتجاج ۾ ڳالهائي رهيو آهي

بلاول ۽ آمريڪي سفير جي ملاقات، حڪومت سازي سميت چونڊ عمل تي ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان آمريڪي سفير رچرڊ اولسن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڌانڌلي ڪري پي ڊي ايم کي ٻيهر مڙهيو پيو وڃي: تحريڪ انصاف

چئني صوبن مان مينڊيٽ حاصل ڪندڙ پي ٽي آءِ حڪومت سازي جو حق رکي ٿي

معاشي تباهي جو ذميوار پي ڊي ايم نالي نااهل، عوام طرفان رد ٿيل ماڻهن جو ٽولو آهي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف ترجمان چيو آهي ته ڌانڌلي ڪري پي ڊي ايم کي ٻيهر مڙهيو پيو وڃي. پنهنجي بيان ۾ تحريڪ انصاف ترجمان چيو ته چئني صوبن مان مينڊيٽ حاصل ڪندڙ پي ٽي آءِ، حڪومت سازي جو حق رکي ٿي. معاشي تباهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

فيصل ڪريم ڪنڊي جي بلاول کي اپوزيشن ۾ ويهڻ جي تجويز

مستحڪم اتحادي حڪومت ۾ بلاول ڀٽو کي وزيراعظم هجڻ گهرجي: فيصل ڪريم ڪنڊي

ٻي صورت ۾ پ پ اتحادي حڪومت جو حصو بڻجڻ بدران اپوزيشن ۾ ويهي

اسلام آباد (م ڊ) پ پ جي اطلاعات واري سيڪريٽري فيصل ڪريم ڪنڊي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي وفاق ۾ اپوزيشن ۾ ويهڻ جي تجويز ڏني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

آزاد اميدوارن کي پارٽي نه ٽوڙي سگهجي: اعظميٰ بخاري

جڏهن 100 سيڪڙو نتيجا آيا ته هنن ڌانڌلي جو شور مچايو، اتي نئون طريقيڪار شروع ڪيو ويو آهي

هر اميدوار کي اليڪشن ٽربيونل اندر ثبوت ڏيڻا پوندا، جنهن کي اعتراض آهي اهو ٽربيونل ۾ وڃي ڳالهائي سگهي ٿو

نواز ليگ هڪ ذميوار پارٽي آهي، اسان ڪوڙ ۽ ڪرپشن تي يقين نٿا رکون، پنجاب ۾ نواز ليگ ئي اڪثريتي پارٽي آهي

لاهور (م ڊ) ن ليگ اڳواڻ عظميٰ بخاري چيو آهي ته آزاد اميدوارن کي پارٽي نه ٽوڙي سگهجي، لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عظميٰ بخاري چيو ته جڏهن 100 سيڪڙو نتيجا آيا ته هنن دهانڌلي جو شور مچايو جنهن به هاري اتي نئون طريقيڪار شروع ڪيو ويو آهي، ان جي شروعات سلمان اڪرم راجا ڪئي.عظميٰ بخاري چيو ته هر اميدوار کي اليڪشن ٽربيونل اندر ثبوت ڏيڻا پوندا، جنهن کي اعتراض آهي اهو اليڪشن ٽربيونل ۾ وڃي ڳالهائي سگهي ٿو.هن چيو ته مسلم ليگ ن هڪ ذميوار پارٽي آهي، اسان ڪوڙ ۽ ڪرپشن تي يقين نٿا رکون، پنجاب ۾ مسلم ليگ ن ئي اڪثريتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ن ليگ اڳواڻ عظميٰ بخاري

لاڙڪاڻو: سياسي ڇڪتاڻ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 2 ڄڻا قتل، اي ايس آءِ شهيد

ماهوٽا ٽاٽي جي حد ڏاهاٽي موڙ تي چانڊين ۽ ڏاهاٽي ڌرين طرفان جديد هٿيارن سان هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ڪئي وئي

چانڊيا ڌر جو محمد حسن چانڊيو، ڏاهاٽي ڌر جو عمران ڏاهاٽي ۽ اي ايس آءِ سلطان شاهه قتل ٿي ويا

واقعي واري هنڌ پوليس نفري پهچي فائرنگ بند ڪرائي، واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

لاهور: ايم اين اي ۽ تحريڪ انصاف لاهور جو جنرل سيڪريٽري وسيم قادر مريم نواز سان گڏ بيٺل آهي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻو پرسان چانڊين ۽ ڏاهاٽي ڌرين ۾ سياسي ڇڪتاڻ تان جهيڙي دوران 2 ڄڻا قتل ٿي ويا جڏهن ته اي ايس آءِ شهيد ٿي ويو. لاڙڪاڻي شهر جي ماهوٽا ٽاٽي جي حد ڏاهاٽي موڙ تي چانڊين ۽ ڏاهاٽي ڌرين طرفان جديد هٿيارن سان هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ڪئي وئي جنهن سبب علائقي جا رهواسي گهرن تائين محدود ٿي ويا، ٻنهي ڌرين جي فائرنگ جي نتيجي ۾ چانڊيا ڌر جو محمد حسن چانڊيو مارجي ويو جڏهن ته ڏاهاٽي ڌر جو عمران ڏاهاٽي مارجي ويو فائرنگ دوران اي ايس آءِ سلطان شاهه به زخمي ٿي پيو جو جنهن اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪري ڇڏيون بڏايو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان ۾ 8 ۽ 9 فيبروري تي ٻه چونڊون ٿيون: بابر اعوان

هي پاڪستان جون سڀ کان تڪراري چونڊون آهن، 8 فيبروري تي عمران کٽيو

9 فيبروري جي چونڊ ۾ نواز شريف کي کٽرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م ڊ) پي ٽي آءِ اڳواڻ بابر اعوان چيو آهي ته پاڪستان ۾ 8 ۽ 9 فيبروري تي ٻه چونڊون ٿيون، هي پاڪستان جون سڀ کان تڪراري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نواز ليگ ۽ پ پ سان رابطن تي پي ٽي آءِ جو پنهنجي ميمبرن خلاف ايڪشن

پارٽي حمايت يافته ڪامياب اميدوارن کان استعيفائون ۽ حلف ناما گهري ورتا

استعيفائون ۽ حلف ناما وٺڻ جو مقصد آزاد ميمبرن کي وفاداريون تبديل ڪرڻ کان روڪڻ آهي

اسلام آباد (م ڊ) ن ليگ ۽ پ پ سان رابطن تي پي ٽي آءِ پنهنجي حمايت يافته ڪامياب اميدوارن کان استعيفائون ۽ حلف ناما گهري ورتا. ذريعن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نواز يا مريم جو امڪان نه آهي، شهباز يا بلاول مان ڪو به وزيراعظم بڻجي سگهي ٿو: منظور وسان

وفاق ۾ ڪو به اڪيلي سر حڪومت نٿو ٺاهي سگهي، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ به اتحادي حڪومت بڻجندي

بلوچستان ۾ پ پ جي پوزيشن مضبوط آهي، وفاق ۾ پ پ، آزاد اميدوارن يا نواز ليگ سان ملي حڪومت بنائي سگهجي ٿي

نواز شريف يا مريم جي وزيراعظم بنجڻ جو امڪان نه آهي، شهباز يا بلاول ڀٽو وزيراعظم بڻجي سگهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ منظور وسان چيو آهي ته نواز شريف يا مريم نواز جي وزيراعظم بنجڻ جو ڪو به امڪان نه آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ پ پ اڳواڻ منظور وسان چيو ته وفاق ۾ ڪو به اڪيلي سر حڪومت نٿو ٺاهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لوئر دير ۾ ڌماڪو، ٻه ٻار مارجي ويا، 3 ڄڻا زخمي

ڌماڪو لوئر دير جي علائقي شگو ڪس ۾ ٿيو: ريسڪيو اختيارين

مارجي ويلن ٻارن جي عمر 7 کان 8 سالن جي وچ ۾ آهي

لوئر دير (م ڊ) خيبر پختونخواهه جي ضلعي لوئر دير ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ٻه ٻار مارجي ويا ۽ 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو اختيارين موجب ڌماڪو لوئر دير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پشاور: اي اين پي اڳواڻ ايمل ولي خان پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ ۽ جماعت اسلامي چيف اليڪشن ڪمشنر کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

ڌانڌلي جو لباس پائي پي ڊيم ايم 2 کي ٻيهر عوام جي مٿان مڙهيو پيو وڃي: تحريڪ انصاف جو ترجمان

چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جمهوريت تي کلي طريقي سان ڌاڙو هڻڻ ۾ مُک سهولتڪار بڻيل آهن

اليڪشن ۾ سيني جي لاءِ ليول پليئنگ فيلڊ نه هئي اها عوام ۽ ووٽرز سان زيادتي هئي: سراج الحق

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ جماعت اسلامي چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جي ميمبرن کان فوري طور تي استعيفيٰ ڏيڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. تحريڪ انصاف جي ترجمان پنهنجي بيان ۾ چيو ته ڌانڌلي جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

نواز شريف جي درخواست تي اليڪشن ڪميشن اين اي 15 جو نتيجو روڪي ڇڏيو

اڄ اسان کي نتيجا ڏيڻ جو چيو ويو هو پر آر او ٻيهر غائب آهي: پي ٽي آءِ جو گشتاسب خان

نواز شريف جو نائي پنهنجي شڪست ختم ڪرائڻ لاءِ آر او تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي

لاهور (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ نواز شريف جي درخواست تي اليڪشن ڪميشن آر او کي اين اي 15 جو حتمي نتيجو جاري ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف اين اي 15 جو نتيجو روڪڻ جي خلاف پي ٽي آءِ جو ڌرڻو ٻئي ڏينهن به جاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سنڌ گورنمينٽ اسپتال لياقت آباد ۾ سلينڊر ڌماڪو، 7 ڄڻا زخمي

اسپتال ۾ شارٽ سرڪٽ جي نتيجي ۾ ايمرجنسي اندر سلينڊر ڌماڪو ٿيو

سنڌ جي صحت واري وزير سعد خالد اسپتال جو دورو ڪري ايمرجنسي وارڊ جو به دورو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي لياقت آباد جي سنڌ گورنمينٽ اسپتال جي ايمرجنسي ۾ سلينڊر ڌماڪي جي نتيجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 7 ڄڻا زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: ڦورن جي وڏي ڪارروائي، موبائيل فونز ڪٽي ويندڙ وين ڦر

جوابدارن فيروز آباد واري علائقي ۾ وين کي اغوا ڪيو، جوابدار ڊرائيور کي ڇڏي وين سميت فرار ٿي ويا

ڊرائيور جي اطلاع تي وين کي ٽريڪر ذريعي ٽريڪ ڪيو ويو، جيڪا ٽيپو سلطان واري علائقي مان خالي ملي: پوليس

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي فيروز آباد واري علائقي ۾ موبائيل فون ڪٽي ويندڙ وين ڦر ڪئي وئي. پوليس موجب صدر موبائيل مارڪيٽ وٽان موبائيل فون کڻي وين کي ڦر ڪيو ويو. جوابدارن فيروز آباد واري علائقي ۾ وين کي روڪي ان ۾ سوار ٿي ويا. 45/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

جنسي زيادتي معاملو: هنگري جي صدر لڏيو اچي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

صدر پاران جوابدار جي معافي درخواست قبول ڪرڻ تي احتجاج ٿيو

سيني ماڻهن کان معافي گهران ٿي جن کي ان سان تڪليف پهتي: صدر

بڊاپيسٽ (م ڊ) هنگري جي ٻهرين عورت صدر کي ٻارن سان جنسي زيادتي جي ڪيس ۾ سزا يافتا جوابدار جي معافي جي درخواست قبول ڪرڻ تي ٿيل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مفتي ڪفايت الله پاران نواز شريف کي مانسهره مان شڪست مڃڻ جي صلاح

نواز شريف وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي پنهنجي شڪست کي تسليم ڪري: مفتي ڪفايت الله

اين اي 15 مانسهره ۾ ڪنهن به هنڌ تان شڪايت ناهي ملي، مان پاڻ به اميدوار هئس ۽ سمورن تڪن ۾ منهنجا ايجنٽ موجود هئا

نواز شريف جنهن بنياد تي عدالت وڃي رهيو آهي اها تمام گهڻي ڪمزور آهي، گشناسپ کي کٽڻ جي مبارڪباد ڏئي

جمعيت علماءِ اسلام جو اڳواڻ مفتي ڪفايت الله

مانسهره (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻ مفتي ڪفايت الله چيو آهي ته نواز شريف وڏ ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي اين اي 15 مانسهره تي پنهنجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

روحيل جي درخواست رد، اين اي 133 تي ٻيهر ڳڻپ جو حڪم

لاهور (م ڊ) چونڊيان جي تڪ اين اي 133 ۾ ٻيهر ڳڻپ جي مسلم ليگ ن جي راڻا محمد اسحاق خان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

سادا ماڻهو انهن را ايجنٽن جي ڏٺي ۾ اچي ويا آهن: جان اڇڪزئي

ڪجهه عنصر ٻاهر پڙڪائي را جي ايجنڊا تي هلي رهيا آهن، انهن کي روڪڻو پوندو

دشمن پاڪستان کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري پيو، اسان کي ملڪ ۽ جمهوري ادارن جي حفاظت ڪرڻي آهي

ڪامياب اليڪشن سان دشمن جي ايجنڊا ناڪام ٿي وئي، پاڪستان ۾ ڏڦيڙ پکيڙڻ دشمن جي ايجنڊا آهي

ڪوئيٽا (م ڊ) بلوچستان جي نگران اطلاعات واري وزير جان اڇڪزئي چيو آهي ته سادا ماڻهو را ايجنٽن جي ڏٺي ۾ اچي ويا آهن. ڪوئيٽا ۾ ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

بلوچستان جو نگران اطلاعات واري وزير جان اڇڪزئي

چونڊن ۾ ڌانڌلين ۽ خلائي مخلوق جي مداخلت خلاف احتجاج جو اعلان

ڪراچي (رپورٽر) اسلامي سنڌ پاران سنڌ ۾ خاص طور ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ 08 فيبروري جي چونڊن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڊي جي خان ۾ مقابلو، 3 ڌاڙيل مارجي ويا، هڪ اهلڪار شهيد

لاڊي گينگ جي ماڻهن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي

پوليس جي پهچڻ تي ڌاڙيلن فائرنگ ڪري ڏني، پوليس پاران به جوابي فائرنگ

ڊيرا غازي خان (م ڊ) ڊيرا غازي خان ۾ پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلي ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا، جڏهن ته هڪ پوليس اهلڪار به شهيد ٿي ويو. پوليس موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڪراچي: هٿياربند واڙي تان 94 مينهون ۽ ڳئون ڪاهي ويا

20 کان 25 هٿياربندن واردات ڪئي، جوابدارن وٽ ڪلاشنڪوف، رپيٽر ۽ پسٽل هئا: فريادي

جوابدار رات جو 3 ترڪن ۾ آيا ۽ مالڪ ۽ ملازمن کي رسن سان ٻڌي ڇڏيو، مال ڪاهي فرار ٿي ويا

ڪراچي (م ڊ) هٿياربند واڙي تان ڪروڙين رپيا ماليت جون 94 مينهون ۽ ڳئون ڪاهي ويا. ڪراچي جي علائقي لانڍي ۾ هٿياربند ڊيري فارم تان ڪروڙين رپيا ماليت جون 94 مينهون ۽ ڳئون ڪاهي ويا، جنهن جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

گڏريل 24 ڪلاڪن دوران سئو کان وڌيڪ فلسطيني شهيد

7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين شهيد فلسطينين جو انگ 28 هزار کان وڌي ويو

اسرائيل رفح مان به فلسطينين جي جبري بي دخلي ۽ زميني حملي جو منصوبو ٺاهي ورتو

غزه ۾ اسرائيلي فوج جا وحشيانا حملا چار مهينن کان جاري آهي، گذريل 24 ڪلاڪن دوران هڪ سئو کان وڌيڪ فلسطيني شهيد ٿي ويا جڏهن ته ڪيترائي زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

فوجي جوانن تي فائرنگ، فياض ٻٽ، عرفان ۽ قمبر لغاري گرفتار

اين اي 227 تي چونڊيل عرفان لغاري، عمران لغاري ۽ سندن چاچي قمبر لغاري کي جوابدار ڄاڻايو ويو

جوابدارن پاڪ آرمي جي ڊگري ڪاليج واري ڪئمپ مٿان فائرنگ ڪري دهشتگردي ڪئي: ايف آءِ آر

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ پاڪ فوج جي جوانن مٿان مبينا فائرنگ ۽ هنگامي بعد حراست ۾ ورتل اين اي 227 تي چونڊيل پ پ اميدوار عرفان لغاري، سندس ڀاءُ اڳوڻي ايم اين اي عمران لغاري ۽ سندن چاچي سيتا ٿائون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

بدين ۾ پورهيت نينگر هڪ هفتي کان گم ٿي ويو

پاپڙ وڪڻي گهر جو گذر هلائيندڙ نينگر هڪ هفتي کان گم ٿي ويو

ٿاڻي تي رپورٽ ڪرڻ جي باوجود پوليس معصوم نوجوان کي ڳولڻ لاءِ مدد نٿي ڪري: وارث

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر جو 14 سالن جو نوجوان عمير علي ميمڻ جنهن جي والد جي وفات کانپوءِ پنهنجي والده ۽ ننڍڙي ڀاءُ جو واحد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

خاڻوٽ ۾ جي يو آءِ جي ڪارڪنن چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف انڊس هاءِ وي تي احتجاج

مولوي سڌير احمد رند ۽ شهمير گوپانگ جي اڳواڻي ۾ انڊس هاءِ وي تي شاميانا هڻي 10 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو

ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان سوين گاڏيون بيهجي ويون، سبب مسافرن ۽ مظاهرين ۾ چڪريون پڻ ٿينديون رهيون

سنڌ ۾ وڏي پئماني ڌانڌلي ڪرائي پ پ جي اميدوارن کي ڪترايو ويو آهي، رات پيٽ ۾ جي يو آءِ جي ڪٽيل اميدوارن کي هارايو ويو

مانجهند (رپورٽ: مهراڻ عمراڻي) خاڻوٽ ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن جو مبينا ڌانڌلي خلاف انڊس هاءِ وي تي 10 ڪلاڪ ڌرڻو ٽريفڪ معطل مسافرن کي مشڪلاتون چڪريون تفصيل موجب مانجهند پرسان خاڻوٽ ۾ جي يو آءِ صوبي سنڌ جي اڳواڻ علامہ راشد محمود سومرو جي سڏ تي ضلع ڄامشورو اڳواڻن مولوي سڌير احمد رند شهمير گوپانگ شاهجهان ڪوسو جي اڳواڻي ۾ انڊس هاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مانجهند: جي يو آءِ پاران لڳايل ڌرڻي سبب ٽريفڪ جام آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ لاڪا

برادري پلاٽ جي معاملي

تي جهيڙو، 26 ڄڻا زخمي

ٽنڊو محمد خان (اير علي بروهي بلڙي) شاهه ڪريم ويجهو ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد ڳوٺ جمعون لاڪو ۾ لاڪا برادري جي ٻن ڌرين ۾ پلاٽ جي مالڪي تان جهيڙو، ٽن عورتن سميت 26 ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل. خبر موجب بلڙي شاهه ڪريم ويجهو ملاڪاتيار ٿاڻي جي حد ڳوٺ جمعون لاڪو ۾ لاڪا برادري جي ٻن ڌرين پلاٽ جي مالڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سنڌ ۽ پاڪستان ۾ انجنيئرنگ چونڊ نتيجا ڏئي چونڊن کي پاڻ مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو آهي: ڊاڪٽر قادر مگسي

اميدوارن جا آيل نتيجا روڪي وري پنهنجا من پسند نتيجا ظاهر ڪيا ويا آهن، جنهن سان نه صرف جمهوريت جو نقصان ڪيو ويو آهي

چونڊن جي نتيجن تي ڪيل احتجاج جي سنڌ ترقي پسند پارٽي ڀرپور حمايت ڪري رهي آهي، پ پ کي سنڌ جي عوام ووٽ نه ڪيو آهي

من پسند نتيجا ڏئي هر هنڌ سنڌ جي اندر پ پ جي اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان چوري جو مينڊيٽ ڏنو ويو آهي، نتيجن کي رد ڪريون ٿا

ٽنڊو محمد خان (اير علي بروهي) سنڌ ترقي پسند پارٽي جنرل اليڪشن جي چونڊ نتيجن کي رد ڪري شفاف چونڊون ڪرائڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۽ پاڪستان ۾ انجنيئرنگ چونڊ نتيجا ڏئي چونڊن کي پاڻ مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهوٽڪي ۾ بدامني، قبيلائي تڪرار خاتمي ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ جيئي سنڌ محاذ جي ريلي

بک هڙتال ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جيئي سنڌ محاذ ايس يو پي ۽ نوجوان اتحاد ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بک هڙتال دوران اغوا ٿيل نوجوانن جي بازيابي، قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ ضلع ۾ امن امان جي بحالي لاءِ نعريبازي ڪئي وئي

گهوٽڪي ۾ بدامني جو راڪاس ڇانيل آهي جنهن سبب شهري پريشان آهن. ضلع ۾ ڦرون ڌاڙا قتل اغوا ڪاريون روز جو معمول بڻيل آهن: اڳواڻ

گهوٽڪي (رپورٽ: لالچند موٽواڻي) ضلع گهوٽڪي ۾ وڌندڙ بدامني اغوا ڪاري لاقانونيت قبيلائي تڪرارن ساوند سنڌراڻي ۽ گهوٽڪا پيري تڪرارن جي خاتمي ۽ ضلع گهوٽڪي مان اغوا ٿيل نوجوان رتڪ ڪمار، اريگيشن انجنيئر اختر حسين لغاري مير احمد جلباڻي ۽ ٻين جي بازيابي لاءِ جستم طرفان ريلي ڪڍي بک هڙتال ڪئي وئي، جستم ڪارڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

گهوٽڪي: جستم پاران قبيلائي جهيڙن جي خاتمي لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

چونڊن ۾ ڌانڌلي ڪري مسلم

ليگ ن کي هارائڻ جي ڪوشش

ڪئي وئي: ڊاڪٽر درشن لعل

ميرپورماٿيلو (رپورٽ: ظهير وسير) مسلم ليگ ن جو اڳوڻو ايم اين اي ڊاڪٽر درشن لعل ميرپورماٿيلو ۾ پنهنجي رهائش گاهه تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته جيڪي 8 فيبروري وري چونڊ ٿي آهي ان ۾ ڌانڌلي ڪري مسلم ليگ ن کي هارائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي وئي پر ان باوجود نوازليگ پوري ملڪ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ٽنڊو محمد خان 5 ڏينهن اڳ قتل ٿيل نوجوان جي پيءُ جي فرياد تي پوليس جون گرفتاريون

ڪنهن سان به دشمني ناهي مقتول جو پيءُ ٻاءِ ٻيرن جو واپاري هو صبح گهران نڪتو شام جو لاش مليو: شيو ڪولهي

پاءُ ڪراچي سبزي منڊي ويل هو ٻير ڪپائڻ جنهن جو شام ڌاري تشدد ٿيل لاش ڪيلي جي فصل مان هٿ آيو

اسان جي ڪنهن سان ڪا دشمني ناهي، ظلم ٿيو آهي، نوجوان جي قاتلن کي گرفتار ڪري ڪين سخت سزا ڏني وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: اير علي بروهي) شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ۾ 5 ڏينهن اڳ تشدد ڪري قتل ڪيل نوجوان امرشي ڪولهي جو اڻڄاتل ماڻهن خلاف ڪيس داخل مقتول جي پيءُ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو ڪيس داخل ٿيندي ئي شيخ پرڪيو پوليس جانچ شروع ڪري ڇڏي پوليس پاران شڪ جي بنياد تي گرفتاريون جاري اسان سان ظلم ٿيو آهي اسان مسڪين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز جمعيت علماءِ اسلام جي سڏ تي چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاج

ڌانڌلين خلاف مورو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي بند ڪيو ويو، هزارين گاڏيون بيهجي ويون

اليڪشن ۾ مڪمل ڌانڌلي ڪئي آهي، اليڪشن ۽ انتظاميه سنڌ ۾ بي ٽيم ثابت ٿي آهي: اڳواڻ

جن گاڏين ۾ عورتون، فئمليون ۽ مريض توڙي ميتون ڪٽي ويندڙ ايمبولنسز ڇڏيو ٿو وڃي

نوشهرو فيروز (د ر) جمعيت علماءِ اسلام جي صوبائي سڏ تي اليڪشن ۾ ڌانڌلين خلاف مورو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو ويو جنهن سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان هزارين گاڏيون بيهجي ويون. ان موقعي تي جي يو آءِ نوشهرو فيروز جي ضلع امير مولانا عبدالرحمان ڏنگراچ، مولانا عبدالعليم گهانگهرو، مولانا حفيظ الرحمان ڪيريو، عبدالرشيد بروهي ۽ عبدالمالڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

نوشهرو فيروز: جي يو آءِ پاران چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف لڳايل ڌرڻي جو ڏيک

پ پ جي اميدوارن کي عوام ووٽ

ڏئي پنهنجي ووٽ جو قومي فرض

ادا ڪيو آهي: خرم ڪريم سومرو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: اير علي بروهي) چونڊ مرحلي ۾ پ پ مخالف ڌرين کي عوامي راءِ جي ڏنل مينڊيٽ کي تسليم ڪري پنهنجي وڃايل ساک بحال ڪرائڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو آهي. ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ صوبائي تڪ 67 تي پ پ جي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪندڙ اميدوار خرم ڪريم سومرو هنگامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

بدين ۾ جماعت اسلامي جو چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف احتجاجي مظاهرو

اليڪشن ڪميشن جي جانبداري ملڪ جي خراب صورتحال جي ذميوار آهي: جماعت اسلامي جا اڳواڻ

اليڪشن ڪميشن ضلعي آفيسرن ۽ ڊي آر اوز سنڌ جي عوام جي مينڊيٽ جو سودو ڪيو آهي

پ پ عورتن جي حقن جي علمبردار سڏائي ٿي پر هن سيٽن خاطر ۽ چند ماڻهن جي خاطر سنڌ جي عورتن جي توهين ڪئي آهي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) 8 فيبروري تي ٿيندڙ چونڊن ۾ ڌانڌلين ۽ عوام جي مينڊيٽ تي ڌاڙي ۽ نتيجا تبديل ڪرڻ جي جماعت اسلامي طرفان نيشنل پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڊي آر او ۽ اليڪشن ڪميشن سنڌ جي عوام جي مينڊيٽ جو پيپلز پارٽي سان سودو ڪيو آهي خبر موجب جماعت اسلامي پاران چونڊن ۾ ڌانڌلي ۽ نتيجن ۾ ڦيرڦار ڪرڻ خلاف ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

جهڏو ۾ ڊاڪٽر جي مبينا غلط آپريشن سبب ناري جي حالت نازڪ ٿي وئي

عمرڪوٽ جي خانگي اسپتال جي ڊاڪٽر ناري جي پيٽ ۾ رسولي جو آپريشن ڪري آنڊو وڍي ڇڏيو

منهنجي ڌيءَ کي پيٽ ۾ رسولي هجڻ ڪري خانگي اسپتال مان ڊاڪٽرڻ علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو: ناري جو پيءُ

ڊاڪٽر پاران ڌيءَ جو غلط آپريشن ڪري آنڊو وڍي ڇڏيو، ڌيءَ جي حالت خراب ٿيڻ تي بيهر اسپتال ڪٺي وياسين

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ ڊاڪٽر جي مبينا غلط آپريشن ناري جي زندگي ۽ موت جي ٻه واٽي تي بيهاري ڇڏيو، عمرڪوٽ جي خانگي اسپتال جي ڊاڪٽر ناري جي پيٽ ۾ رسولي جو آپريشن ڪري آنڊو وڍي ڇڏيو. ناري جي حالت خراب ٿيڻ بعد غريب وارثن وٽ علاج جا پيسا نه هجڻ ڪري اسپتال مان نيڪالي. ناري جي طبيعت وڌيڪ خراب گهر اندر بيماري جي بستري تي پيل. ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

جهڏو: ڊاڪٽرن جي لاپرواهي سبب ناري جي حالت نازڪ آهي

ڪنڌڪوٽ ۾ جي يو آءِ

جي ڪارڪنن جو ڊي

سي آفيس آڏو احتجاج

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) ڪنڌڪوٽ جي يو آءِ جي سوين ڪارڪنن ڊي سي آفيس آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 191 جي نتيجن ۾ غير شفافيت خلاف نعريبازي ڪئي وئي. ڊي سي پ پ اميدوار. ڪارڪنن جي غير قانوني حمايت ڪري رهي آهي. ڊي آر او آفيس جي بند دروازن پليان ڳٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

دادو ۾ زميني تڪرار تان مبينا ڀوڪ برادري ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ سلطان ڀوڪ ۾ زميني تڪرار تان مبينا ڀوڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

مارجي ويل جي سڃاڻپ منل ڀوڪ طور ٿي، جهيڙي جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ رواني

دادو (ن سنڌيار) دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ واقع ڳوٺ سلطان ڀوڪ ۾ زميني تڪرار تان مبينا ڀوڪ برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سجاول ۾ جي يو آءِ پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف احتجاج

سجاول ۾ پڻ جي يو آءِ طرفان سجاول باءِ پاس بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو ويو آهي: اڳواڻ

ڌرڻي سبب روڊ بلاڪ هئڻ ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين گاڏيون بيهجي ويون

سجاول (رپورٽ: ممتاز علي) سنڌ ۾ ڌانڌلي ڪرڻ خلاف سنڌ جي ٻين شهرن جيان سجاول ۾ پڻ جي يو آءِ طرفان سجاول باءِ پاس بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو ويو خبر موجب 8 فيبروري تي ٿيل اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران مبينا سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

دادو ۾ جي يو آءِ جي مرڪزي سڏ تي چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاج

ڌرڻي سبب 4 ڪلاڪ ٽريفڪ مڪمل بند رهي، سوين گاڏيون بيهجي ويون

اسان پوري ملڪ ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن کي رد ڪيون ٿا: اڳواڻ

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ جي يو آءِ جي مرڪزي سڏ تي جي يو آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن دادو باءِ پاس وٽ دادو ڄامشورو انڊس هاءِ روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري جنرل اليڪشن ۾ ڌانڌلي ٿيڻ خلاف نعريبازي ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ڌرڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

دادو: جي يو آءِ جي ڌرڻي ۾ مولانا راشد محمود سومرو ڪي خطاب ڪري رهيو آهي

ٺٽون ديرو ۾ نثار کهڙو ڪاميابي کانپوءِ شهيدن جي مزار تي حاضري

سنڌ ۾ پيپلز پارٽي ڀيريان کان وڌيڪ سيٽون کٽي سنڌ ۾ سوئيپ ڪيو آهي: نثار کهڙو

اليڪشن ۾ ڪاميابي بعد شهيدن جي مزارن تي اچي سلام پيش ڪندا آهيون

ٺٽون ديرو (رپورٽ: شاه محمود ڀٽو) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار کهڙو عام چونڊن ۾ پي ايس 15 ميروخان تي ڪاميابي ماڻڻ بعد ڀيريون پيرو ڳوٺي خدا بخش ڀٽو قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ملير ۾ جي يو آءِ پاران اليڪشن جي نتيجن خلاف احتجاج، مظاهرا

مولانا احسان الله ٽڪروي، مولانا اجمل شاه شيرازي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا

اسان جو احتجاج پرامن آهي اسان ڪنهن جي ملڪيت کي ڪوئي نقصان نه پهچائينداسين: اڳواڻ

ملير (د ر) جمعيت علماءِ اسلام جي پاران اليڪشن جي نتيجن جي خلاف اعلانيل احتجاج جي سڏ تي ملير ۾ احتجاجي مظاهرا ۽ ڌرڻا. تفصيل موجب جمعيت العلماءِ اسلام جي پاران اليڪشن ۾ ڌانڌلين جي خلاف اعلانيل احتجاج جي سڏ تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ آرٽ ڪائونسل پاران رحيمداد مولائي شيدائي جي 45 هين ورسي ملهائي وئي

رحيمداد خان مولائي شيدائي سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ کي ڪتابن جي صورت ۾ سهيڙيو: اڳواڻ

رحيمداد خان مولائي شيدائي جا اڃان ڪيترائي اڻ ڇپيل ڪتاب پيا آهن، اهي ڇپجڻ گهرجن

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ادبي شعبو سکر آرٽس ڪائونسل جي طرفان سنڌ جي ناليواري تاريخدان رحيمداد خان مولائي شيدائي جي 45 ورسي ملهائي وئي پروگرام جي صدارت بدر ابڙي ڪئي مهمانن ۾ قدير انصاري اياز گل امير بروهي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

گهارو ۾ فري سائيڪل رائيڊ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو

سائيڪل هلائيندڙن ۾ نوجوان، ٻار، عورتن ۽ وڏي ڄمار جي ماڻهن حصو ورتو

ساڪرو جي ڀرواري وارن علائقن جي موسم تمام بهترين آهي: حصو وٺندڙ

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) گهارو لڳ شاهه زيب بلوچ فارم تي هر سال ٿيندڙ فري سائيڪل رائيڊ جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪراچي جا سائيڪل سوارن حصو ورتو. سائيڪل هلائيندڙن ۾ نوجوان، ٻار، عورتن ۽ وڏي ڄمار جي ماڻهن حصو ورتو. حصو وٺندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ساڪرو جي ڀرواري وارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گهارو: سائيڪل رائيڊ جي دوران سائيڪل ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو ۾ يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل جي نون عهديدارن کي آجياڻو ڏنو ويو

دادو پريس ڪلب مظلوم ماڻهن جو سهارو بڻيو آهي، صحافين معاشري ۾ نالو ڪمايو آهي: اڳواڻ

تنظيم پاران دادو پريس ڪلب جي آيل نون عهديدارن کي اجرڪ، ٽوپيون ۽ گلن جا هار پارايا ويا

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل پاڪستان ايشيا پاران دادو پريس ڪلب جي نون عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو. ان آجياڻي تقريب جي صدارت تنظيم جي حيدرآباد ڊويزن جي صدر محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جا اصل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

مظاهري ۾ بي ٽي آئي جي وفد جي شرڪت، قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو

جيستائين قاتلن کي گرفتار نه ڪيو ويندو، تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا ويا صحافين جي جدوجهد جاري 182 ڏينهن تي احتجاج مظاهرو ڪري قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽي ۾ قومي ڪارڪنن کي ڪنبي گم ڪرڻ خلاف جيئي سنڌ تحريڪ جو احتجاج

سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جاري آهي، ڪير خلاف آواز اٿاري ٿو ته ان کي ڪنبي گم ڪيو وڃي: اڳواڻ

جيئي سنڌ تحريڪ جي انور ٻرڙي، فيصل وگڻ سميت سوين قومي ڪارڪنن کي ڪنبي گم ڪيو ويو آهي

ٺٽو (ٻر) جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ انور ٻرڙي، فيصل وگڻ سميت ٻين قومي ڪارڪنن کي ڪنبي گم ڪرڻ واري عمل خلاف ۽ سنڌن آزادي لاءِ جيئي سنڌ تحريڪ ٺٽو پاران جيئي سنڌ تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ راول ڪرناڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

بدين ۾ جي يو آءِ جو چونڊن ۾ ڌانڌلين خلاف احتجاجي مظاهرو

جي يو آءِ جي نامزد اميدوارن کي ڌانڌلين ذريعي هارايو ويو آهي: اڳواڻ

2018 جي چونڊن ۾ اسان جي اميدوار هتان ڏهن هزارن کان وڌيڪ ووٽ کنيا

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) جي يو آءِ سنڌ جي اپيل تي بدين ۾ به ڌانڌلين خلاف احتجاج پير چوڪ تي ڪول روڊ تي ڌرڻو تفصيل موجب مطابق جمعيت العلماءِ اسلام جي صوبائي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد محمود سومرو جي اپيل تي بدين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ پ پ (ش ڀ) پاران نظير جمالي جي 18 هين ورسي ملهائي وئي

شهيد نظير احمد جمالي کي پوليس بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو هو: اڳواڻ

پاڪستان جي بقا خوشحالي فاطمه ڀٽو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو جي ليڊر شپ ۾ آهي

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ضلع دادو پاران سالار انقلاب حريت پسند رهبر شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي بهادر وفادار ساٿي اڳوڻي گارڊ شهيد نظير جمالي جي 18 ورسي جي تقريب شهيد ڀٽو هائوس دادو تي ملهائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

خانواهڻ جا رهواسي 2 نينگر پراسرار طور گم ٿي ويا

نينگر بازار مان سامان وٺڻ لاءِ گهران نڪتا پر واپس نه موٽيا ڳولا ڪئي پر پتو نه پيو: وارث

نينگرن جي موبائيل فون ٽريس ڪرائي وئي ته سنڌن آخري لوڪيشن روهڙي لڳ ملي

خانواهڻ (رپورٽ: عاجز امتياز نوح پوٽو) نينگر اٺين ڪلاس ۾ پڙهندڙ 14 ورهين جو خانواهڻ شهر جي آوٽيور پاڙي جا رهواسي ٻه نينگر ياسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

خانپور مهر ۾ نوجوان کي گولي لڳڻ سبب فوت ٿيڻ وارو مامرو: والد پاران قتل جو الزام

پٽ شمن مهر کي شادي جي دعوت بهاني گهرائي جوابدارن پستل جا فائر ڪري قتل ڪيو آهي: نوجوان جو پيءُ

ظالمن معصوم پٽ کي قتل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي، قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي

گهوٽڪي پوليس شهباز مهر کي گرفتار ڪري ورتو، واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ شادي جي دعوت تي ويل نوجوان جي گولي لڳڻ سبب فوت ٿيڻ وارو مامرو، نوجوان جي والد پاران سندس پٽ کي قتل ڪرڻ جو الزام. هڪ جوابدار گرفتار، خبر موجب خانپورمهر جي ڳوٺ چٽڻ مهر واسي نوجوان شمن مهر ڳوٺ شير مهر ۾ شادي جي دعوت تي پهچڻ بعد گولي لڳڻ سبب مارجي وڃڻ بعد سندس والد ممتاز مهر پاران پٽ کي قتل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

خانپور مهر: قتل ٿيل نينگر جو والد. ٻئي طرف نينگر کي قتل ڪندڙ جوابدار

دادو ۾ سيتا سرجڻهار

فورم پاران ريل گاڏي جي

بحالي لاءِ احتجاج جاري

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) دادو جي تاريخي ۽ قديم شهر سيتا جي سماجي تنظيم سيتا سرجڻهار فورم جي جدوجهد کي هڪ سال 19 ڏينهن مڪمل مسافر ريل گاڏين جي بحالي لاءِ هڪ سال کان هلندڙ جدوجهد ۾ 2 مسافر ريل گاڏيون موهن جو دڙو ايڪسپريس ۽ بولان ميل بحال ٿيڻ بعد باقي رهيل ريل گاڏين جي بحالي لاءِ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

شڪارپور ۾ جي يو آءِ پاران اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف ڌرڻو

عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو آهي سرڪاري مشينري پ پ سان گڏجي ڌانڌلي ڪئي آهي: اڳواڻ

هڪ ڌر کي منصوبي تحت مينڊيٽ ڏئي عوام جي حقن تي ڌاڙو هنيو ويو متن تي پٽڪا نه پر ڪفن ٻڌي نڪتا آهيون

گڏريل اليڪشن ۾ اڌ ووٽ ڪٽندڙن ڪارڪردگي زيرو هجڻ باوجود ٻيٽا ووٽ ڪٽايا ويا، ڌرڻي سبب گاڏين جو قطارون لڳي ويون

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ جي يو آءِ طرفان اليڪشن ۾ مبينا ڪيل ڌانڌلين جي خلاف ڌرڻو ٽريفڪ معطل، خبر موجب شڪارپور ۾ عام چونڊن ۾ ڪيل مبينا ڌانڌلين جي خلاف جي يو آءِ طرفان قاري مجيب الرحمان، عبدالله مهر ۽ آغا تيمور خان جي اڳواڻي ۾ شڪارپور باءِ پاس تي ڪندن چورنگي وٽ ڌرڻو هنيو ويو، ڌرڻي کي جي يو آءِ اڳواڻن خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهرو فيروز پرسان نينگر کي اغوا ڪري تشدد ڪرڻ ڦٽو ڪيو ويو

جهوپڙين ۾ رهندڙ حبدار شيخ کي ماڻهو اغوا ڪري ويا سخت تشدد ڪري گهر آڏو ڦٽي ڪري ويا

پٽ کي بااثر ماڻهو اغوا ڪري بدترين تشدد جو نشانو بڻائڻ کان پوءِ گهر آڏو ڦٽو ڪري ويا: نينگر جي ماءُ

بيهوشي جي دوران سبب اسان اسپتال وياسين پرائيوٽي علاج نه ڪيو ويو ۽ غريب سمجهي ڌڪاريو ويو

نوشهرو فيروز (د ر) نوشهرو فيروز پرسان نينگر کي اغوا ڪري تشدد ۽ زخمي ڪرڻ کان پوءِ ڪيس سندس گهر آڏو ڦٽو ڪيو ويو خبر موجب نوشهرو فيروز ڀاهران بحريه ڪاليج پرسان جهوپڙين ۾ رهندڙ معصوم نينگر حبدار شيخ کي ڪجهه ماڻهو اغوا ڪري ويا ۽ سندس مٿان سخت تشدد ڪري پوءِ ڪيس گهر آڏو ڦٽي ويا. نينگر حبدار شيخ جي ماءُ زخمي پٽ سان ڪري پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز: بااثرن پاران تشدد جو نشانو بڻايل نينگر اسپتال ۾ داخل آهي

سکر ۾ نوجوان پاڻ کي ڦاهو

ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي،

ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پرائو سکر ۾ نوجوان پاڻ کي ڦاهو ڏئي خودڪشي ڪري ڇڏي وسپور محلا واري علائقي ۾ بوزدار گهٽي جي رهواسي نوجسرن جنيد پٽ ڀالو انبڙ گچي ۾ ڦاهو وجهي خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. جيڪا حد سي سيڪشن ٿاڻي جي آهي ڦاهو کائي خودڪشي ڪرڻ واري نوجوان جنيد انبڙ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر ۾ هاري تحريڪ پاران سنڌ ۾ زمينن تي قبضن ۽ پاڻي تي ڌاڙن خلاف 9 مارچ تي ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان

ڪانفرنس ۾ سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن کي دعوتون ڏنيون وينديون، سنڌو درياهه جو تحفظ عالمي ماحولياتي نظام جي بهتري لاءِ لازمي آهي: اڳواڻ

سموري ملڪ جي 44 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين نيلام ڪئي پئي وڃي جنهن جو انگ 44 لکن کان وڌي 90 لک يا ان کان وڌيڪ ٿيڻ جو امڪان آهي

ارين جي بي دخلي خلاف ملڪ جي عوام دوست اديبن، شاعرن، قلمڪارن ۽ هاري ۽ مزدور سياسي سماجي اڳواڻن کي جدوجهد جي ميدان تي اچڻ گهرجي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو اجلاس، تل ڪيتال فيز ٽورنا سنڌ جي وجود تي وار قرار سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻي تي ڌاڙن خلاف 9 مارچ تي شاهپور چاڪر ۾ هاري ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو اعلان هاري ڪانفرنس ۾ سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن کي دعوتون ڏنيون وينديون سنڌو درياهه جو تحفظ عالمي ماحولياتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏهرڪي ۾ واپاري ۽ پٽ کان ڦرجي ڪوشش، هٿياربندن جي فائرنگ، احتجاج

ڏهرڪي اينڊ ڙ واپاري دليپ ڪمار کان ڦرجي ڪوشش ڪئي وئي، گاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن جي ڪار متان فائرنگ ڪئي

ڪراچي کان واپس ڏهرڪي اچي رهيا هئاسين ته لوٽيا سمر نالي وٽ ڏهرڪي بيلو روڊ بلاڪ ٿيل هو: واپاري

گاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي، ڏهرڪي ٿاڻي تي ايس ايڇ او ڏهرڪي چيو ته واقعو بيلو ٿاڻي جي حد ۾ ٿيو آهي

ڏهرڪي (ن سنڌ يار) ڏهرڪي، بيلو روڊ تي واپاري ۽ سندس پٽ کان ڦر جي ڪوشش ناڪام، هٿياربندن جي ڪار متان فائرنگ، پوليس حد بندي جو تڪرار جاڳائي ڪري هوٽو نه ٻاريو احتجاج، تفصيل موجب ڏهرڪي، بيلو روڊ تي لوٽيا سمر نالي وٽ نامعلوم هٿياربندن پاران روڊ تي رڪاوٽون رکي روڊ بلاڪ ڪري پنهنجي پٽ سان گڏ ڪراچي کان ڏهرڪي اينڊ ڙ واپاري دليپ ڪمار کان ڦر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏهرڪي: بيلو روڊ تي ڦر بعد ڪار کي گوليون لڳل آهن. ٻئي طرف شهري تفصيل ٻڌائيندي

سکر ۾ موبائيل مارڪيٽ

۾ دڪاندارن جو پوليس جي

مبينا زيادتين خلاف احتجاج

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي گهنٽا گهر موبائيل مارڪيٽ جي تاجر دڪاندارن سکر پوليس جي مبينا زيادتين خلاف شٽر ڊائون ڪري احتجاجي مظاهرو ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين اڳواڻن چيو آهي ته سکر پوليس مارڪيٽ ۾ دڪاندارن کي بنا جواز جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

چونڊن ۾ ڌانڌلين، مينڊيٽ چوري ۽ نتيجا تبديل ڪرڻ خلاف جماعت اسلامي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرا

جعلي مينڊيٽ کي نٿا مڃون، اڌ ملڪ وڃائڻ باوجود مقتدر ادارن سبق ناهي سکيو، اسان جي مينڊيٽ کي تسليم ڪيو وڃي: اڳواڻ

آر اوز ذريعي چونڊون ڪٽيندڙ عوام جا نه پر خلائي مخلوق جا نمائندا ضرور آهن، جهڙي طرح ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هڻي 5 نمبر واري پارٽي کي کٽايو ويو

چونڊن ۾ عوام جي ووٽ واري حق تي وڏو ڌاڙو هنيو ويو آهي عوام جعلي مينڊيٽ کي هرگز تسليم ڪونه ڪندو، ڪراچي جهڙي شهر ۾ جن ڌانڌلي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) 11 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ جي سڏ تي ڪراچي سميت سنڌ ۾ چونڊن ۾ ڌانڌلين ۽ مينڊيٽ چوري توڙي هارايل اميدوارن کي کٽائڻ واري غير جمهوري عمل خلاف آچر ڏهاڙي ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو بدين ڪنڌڪوٽ، نوشهروفيروز، شڪارپور سميت ڪيترن ئي شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جنهن ۾ عوام جي وڏي انگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي جو چونڊ ۾ ڌانڌلي خلاف باءِ پاس تي ڌرڻو

ڪراچي سميت ٻين تڪن ۾ عوام جماعت اسلامي جي اميدوارن کي ووٽ ڏنو: اڳواڻ

اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو آهي نتيجا ٻين پارٽين کي ڏنا ويا آهن، مينڊيٽ جو احترام ڪيو وڃي

جماعت اسلامي جي مينڊيٽ جو نوٽيفڪيشن جاري نه ڪيو ويو ته اسان جو احتجاج جاري رهندو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر: جنيد غالب بلوچ) ڪنڌڪوٽ ۾ جماعت اسلامي پاران ڪنڌڪوٽ ۾ مبينا ڌانڌلي ۽ نتيجا تبديل ڪرڻ خلاف باءِ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڪراچي سميت ٻين تڪن ۾ عوام جماعت اسلامي جي اميدوارن کي ووٽ ڏنو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو آهي نتيجا ٻين پارٽين کي ڏنا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڪنڌڪوٽ: جماعت اسلامي پاران لڳايل ڌرڻي جو ڏيک

ٺٽون ديرو ۾ ايف آءِ اي ڊائريڪٽر

عبدالحميد ڀٽو پاران صحافي سان

امڙ جي وفات تي تعزيت

ٺٽون ديرو (رپورٽ: شاه محمود ڀٽو) ايف آءِ اي جي ڊائريڪٽر عبدالحميد ڀٽو ٺٽون ديرو پريس ڪلب جي آفيس پهچي پريس ڪلب جي صدر سينيئر صحافي رياض حسين ڪنگو، الطاف حسين ڪنگو ۽ سندس وڏي ڀاءُ انعام علي ڪنگو سان امڙ جي وفات تي تعزيت ڪري سندس روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ فاتحه خواني ڪئي ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
سومر 12 فيبروري 2024ع

حڪومت جي جوڙجڪ: جڳ ڪلائڻ ڪان پاسو ڪيو وڃي!

عام چونڊن ۾ ڪنهن جماعت کي سادي اڪثريت به نه ملي سگهي آهي. جو وفاق ۾ ڪنهن جي حڪومت جڙي سگهي. جنهن ڪانپوءِ گڏيل حڪومت لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون آهن. مسلم ليگ (ن) جي سربراهه ميان نواز شريف پ پ، ايم ڪيو ايم (پاڪستان) ۽ ٻين ڌرين سان گڏجي مخلوط حڪومت ٺاهڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ رابطن ۽ ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي. وڏي تعداد ۾ تحريڪ انصاف جا حمايت يافته آزاد اميدوار ڪامياب ٿيا آهن. پر انهن جو ايترو تعداد نه آهي. جو اڪيلي سر حڪومت جوڙڻ جي لاءِ ڪا حڪمت عملي ٺاهي سگهن. ڇو ته انهن کي به سادي اڪثريت حاصل نه ٿي سگهي آهي. انهن طرفان پڻ مخلوط حڪومت جون ڪوششون شروع ٿي ويون آهن. ٻئي طرف قومي اسيمبليءَ جي سيٽن جو گهڻو انگ حاصل ڪندڙ ڌريون پڻ پنهنجي طرفان جوڙ ٽوڙ ۾ جنبي ويون آهن. مختلف ڌريون آزاد اميدوارن تي ڏاءُ لڳائڻ جي تيارين ۾ پڻ رڌل نظر اچن ٿيون. ڏي وٺ جا معاملا طئي ٿيڻ جون پڻ خبرون اچي رهيون آهن. مانجهاندن ۽ سانجهاندن جي دعوتن جي پڻ متا ستا ٿي رهي آهي. سياسي سوداگريءَ جا پڻ امڪان ڏيکاريا پيا وڃن. ڪامياب ٿيل آزاد اميدوارن کي به هڪ مخصوص وقت اندر ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪرڻي آهي. يا وري اهي پنهنجو ڪو آزاد گروپ جوڙي ان حيثيت ۾ پڻ رهي سگهن ٿا. هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته هما (پکي) جو پاڇو ڪنهن جي سِر تي پوي ٿو. پر هڪڙي ڳالهه ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته حڪومت ٺاهڻ لاءِ ڪوبه "فائول پلي" نه ٿيڻ گهرجي.

جهڙي نموني سان هن ملڪ ۾ چونڊ مهم هلائي ويندي آهي. ميندڊيٽ چورائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. تيئن ئي حڪومت سازيءَ ۾ به اهي ئي اٽڪلون غالب نظر اينديون آهن. مال پڙيءَ جهڙا منظر نظر اچڻ لڳندا آهن. ڪجهه سياسي واپاري خزانن جون خرزينون پري پهچي ويندا آهن. اشرفين جا انبار ڏسي ڪيترن جو ايمان لُڏي ويندو آهي. الفتن جا انتساب تبديل ٿيندا آهن. سٽائي واءَ جي انتظار ۾ ويٺل ڊِنڊ جا پکي ڪڏهن هِن ڪناري ته ڪڏهن هُن ڪنارَ هوندا آهن ۽ ان "پاسا پلٽ" ۽ سياسي شعبديبازيءَ جي نتيجي ۾ حڪومت ته جڙي ويندي آهي، پر ذاتي مفادن جي گهوڙين تي بيٺل حڪومت جتادار نه هوندي آهي. يا وري ننڍن گروهن سان گڏجي جوڙيل حڪومت افعالين ۽ آرڪٽين به غير پائيدار ٿي هوندي آهي. اها حقيقت آهي ته مخلوط حڪومت ۾ گڏ ٿيل ڌرين جا مفاد به مختلف هوندا آهن ۽ انهن ۾ اڪثر ان حوالي سان ڇڪتاڻ پڻ رهندي آهي. هر وقت اهڙي حڪومت لوڏن ۾ هوندي آهي. اها حڪومت عوام کي گهڻو ڪجهه ڏيئي نه سگهندي آهي. مٿان وري اپوزيشن به سگهاري هجي ته اهڙي حڪومت جا پير ڪپي نه سگهندا آهن. هن وقت ملڪ بحرانن جي ڪُن ۾ گهوماٽيون کائي رهيو آهي. نئين جڙندڙ حڪومت جي اوليت ملڪ کي انهن بحرانن مان ڪڍڻ هجي، نه ڪي وڌيڪ ڇڪتاڻ سبب بحرانن ۾ اضافو ڪرڻ.

ملڪي تاريخ مان اها پڻ پروڙ پوي ٿي ته هتي اقتدار جي مسند حاصل ڪرڻ لاءِ "فيئر اينڊ فائول" هر طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي. گهڻي پاڳي "فائول پلي" جي مشاهدي ۾ ايندو رهيو آهي. هن ملڪ جي تاريخ ۾ هڪ سيٽ رکندڙ کي به وزارت عظميٰ جو منصب ماڻيندي ڏٺو ويو آهي. بادشاهه گر عوام آهي پر هن ملڪ ۾ سياست ۽ اقتدار جو اندازئي "اور" آهي. هتي ڪنهن شخص جي چونڊ ڪٺي وڃي ٿي ۽ ان کي وڪٽري اسٽينڊ تائين آندو وڃي ٿو. حقيقي ميندڊيٽ نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. هن ملڪ ۾ هاڻي ايئن نه ٿيڻ گهرجي. حقيقي ميندڊيٽ کي اقتدار ڪان پري رکڻ جو نتيجو هڪ وڏي سانحي جي صورت ۾ ڏسي چڪا آهيون. هن وقت ڪنهن به جماعت کي مرڪز ۾ سادي اڪثريت حاصل نه آهي. يقينن مخلوط حڪومت ٺهندي پر ان حڪومت ٺاهڻ واري ڊوڙ ۾ سياسي اخلاقيات ۽ جمهوري قدرن جي پاسداري ٿيڻ گهرجي. ليڪا نه لتاڙيا وڃن. اڳ ۾ ئي نتيجن ۾ دير ڪرڻ سان مختلف شڪ ۽ شبها پيدا ٿيا آهن. عالمي سطح تي به چونڊن جي حوالي سان بي اطميناني ڏني وڃي ٿي. بهتر حڪومت جي جوڙجڪ واري عمل ۾ جڳ ڪلائڻ ڪان پاسو ڪيو وڃي.

پارلياماني سياست ۾ قومپرستن جو مستقبل

نصير ميمڻ

سنڌ ۾ 2024ع جي چونڊن جا نتيجا ماضيءَ کان گهڻو مختلف نه آهن. پيپلز پارٽي 2018ع جي چونڊن کان به وڌيڪ سيٽون کٽي صوبي ۾ اڪيلي سر حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ اچي وئي آهي. هنن چونڊ نتيجن ڪانپوءِ هڪ پراڻو بحث ٻيهر ورجائجي رهيو آهي. اهو بحث آهي ته قومپرست اڳواڻ اليڪشني سياست ۾ پيپلز پارٽيءَ ڪان هر ڀيري ڇو ٿا هارائين؟ سياست جي پنهنجي هڪ سائنس آهي. جنهن تي ڪليل دماغ سان بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي. بدقسمتيءَ سان اسان وٽ ڪابه سياسي راءِ رکڻ تي مختلف سوچ وارا ماڻهو هڪدم گارگند. تهمتن ۽ ڇٽرن سان لفظي حملا شروع ڪري ڏين ٿا. ان ڪري سنجيده بحث ممڪن نٿو رهي. هن اهم معاملي تي مختلف سوچن ۽ راين جي اظهار لاءِ رستا ڪليل رکڻ گهرجن. ان سان قومپرست ڌرين کي فائدو ٿيندو.

پيپلز پارٽيءَ کي پارلياماني سياست ۾ اڌ صديءَ جو تجربو ٿي چڪو آهي ان عرصي ۾ جتي اسٽيبلشمينٽ سان ان ٽڪراءُ به ڪاڏو آهي ته ان سان ڏي وٺ ڪرڻ جو هنر به سکي ورتو آهي. پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ جتي عسڪري اسٽيبلشمينٽ هر دور ۾ سگهاري رهي آهي. اتي وڏين سياسي ڌرين کي اقتداري سياست ڪرڻ وقت اسٽيبلشمينٽ سان ڏي وٺ ڪرڻي پئي ٿي. اهڙا مثال ان خطي ۾ ٿائيلينڊ ۽ ميانمار جا به آهن. جتي پڻ ملڪ جون وڏيون سياسي پارٽيون ۽ اڳواڻ مختلف وقتن تي اسٽيبلشمينٽ سان ٽڪراءُ ۽ ٺاهه وارا رويا رکندا رهيا آهن. ٿائيلينڊ جو اڳوڻو وزيراعظم ٿاڪسن شناترا ۽ ميانمار جي اڳواڻ آنگ سانگ سوچي اهڙن مرحلن مان گذريا آهن. ان صورتحال سبب پيپلز پارٽي اسٽيبلشمينٽ سان هڪ تعلق جوڙي ورتو آهي. جيڪو ان جي حق ۾ هڪ سازگار ماحول پيدا ڪندو رهي ٿو پر اهو رڳو هڪ عنصر آهي. جيڪو مٿين سطح جي اقتداري بارگيننگ ۽ جوڙ توڙ ۾ ڪم اچي ٿو البته سر زمين تي چونڊون کٽڻ وارو ڪم بهرحال پارٽين کي ئي ڪرڻو پوي ٿو.

پيپلز پارٽي لڳاتار اقتدار ۾ رهڻ سبب عوامي حمايت به ٺاهي آهي ته هر علائقي ۾ هڪ اهڙو گروهه به منظم ڪيو آهي. جيڪو پارٽيءَ جي ووٽن جو ذمو کڻي ٿو ۽ موٽ ۾ اقتدار جي دور ۾ ان کي انتظامي ڍانچي وسيلي ڀرپور مالي ۽ انتظامي فائدا ڏنا وڃن ٿا. اهو هڪ وڏو جار آهي. جيڪو پيپلز پارٽيءَ جي اليڪشني سگهه ٺهجي چڪو آهي. اهڙي قسم جو جار اقتدار ۾ رهندڙ هر سياسي ڌر ٺاهيندي آهي. ڇو ته هيڏي ساري ملڪ ۾ ايترن سارن تڪن تي چونڊون وڙهڻ ۽ کٽڻ ڪو معمولي ڪم نه آهي.

مٿي ڄاڻايل طاقت سنڌ جي قومپرست ڌرين کي حاصل ناهي. ان جو هڪ ڪارڻ اهو آهي ته سنڌ جي قومپرست پارٽين ڏهاڪن تائين پاڻ کي اليڪشني سياست کان نه رڳو پري رکيو آهي. بلڪ ان جي مخالفت به ڪندا رهيا آهن. 1988ع ۾ قومپرست ڌرين چونڊن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ان چونڊ ۾ سنڌ قومي اتحاد پاران پنهنجي حامي اڳواڻن لاءِ مهم به هلائي وئي. رسول بخش پليجي صاحب به چونڊ وڙهي ۽ سيد امداد محمد شاهه اڳيان پيپلز پارٽيءَ اميدوار نه بيهاريو ۽ هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿي ويو هو. ان ڪانپوءِ وقت بوقت سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جا اڳواڻ چونڊن ۾ حصو وٺندا رهيا آهن جيڪڏهن هن اليڪشن ۾ قومپرست پارٽين جي غلطين جو اڻ ڌريو جائزو وٺجي ته سندن شڪست جا هيٺيان ڪارڻ نظر اچن ٿا:

(1) قومپرست پارٽين گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائينس ۾ شامل ٿي سياسي طور غلط فيصلو ڪيو هو. ڊاڪٽر قادر مگسي ان اتحاد ڪان پاڻ کي الڳ رکيو جي ڊي اي ۽ ان جي اتحادين ۾ ٽن قسمن جون ڌريون هيون. هڪ سنڌ جي ورهاڱي جا مطالبا ڪندڙ ايم ڪيو ايم. ٻيو مذهبي شدت پسند تنظير جي يو آءِ ۽ ٽيون اسٽيبلشمينٽ جا اڳوڻا اتحادي. جن کي سنڌ جو عوام رد ڪندو رهيو آهي. اهي ٽئي اهڙا گروهه هئا. جن سان هٿ ملائڻ قومپرست ڌرين جي بنيادي سياسي پروگرام جي ابتڙ هو اتي اهو دليل نا مناسب آهي ته پ پ انهن ساڳين ڌرين سان مختلف وقتن تي اتحاد ڪندي رهي آهي. ياد رهي ته پ پ جي انهن ڌرين سان اتحاد کي سنڌ واسين ڪڏهن به نه ساراهيو آهي. پيو ته قومپرستن کي جيئن ته هڪ متبادل ڌر طور پاڻ کي اڳيان آڻڻو هو. تنهنڪري هنن کي پ پ کان هڪ بهتر رويو ۽ پروگرام پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي. منهنجي خيال ۾ قومپرست ڌريون مستقل بنيادن تي گڏيل اليڪشني اتحاد قائم ڪن ته سندن ڪاميابيءَ جا امڪان بهتر ٿي سگهن ٿا. ڪين پنهنجي اليڪشن مهم لاءِ سنڌ جي مفادن تي ٻڌل سيڪيولر ۽ ترقي پسند بنيادن وارو پروگرام پيش ڪرڻ گهرجي. ان پروگرام جو محور رڳو پ پ مخالفت نه پر سنڌ جا قومي مفاد. سنڌ واسين جا طبقاتي حق. مذهبي انتها پسندي ۽ انتها پسند ڌرين کي رد ڪندي سيڪيولر بنياد تي سماج جي اڏاوت جهڙا نڪتا هجڻ گهرجن. ان پليٽ فارم لاءِ تفصيلي منشور جوڙي عوام اڳيان آڻڻ گهرجي.

(2) سنڌ جي قومپرست ڌرين کي جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان پارلياماني سياست ڪرڻي آهي ته ان لاءِ ڪين مستقل مزاجيءَ تي ٻڌل حڪمت عملي ٺاهڻي پوندي. اهو ممڪن ناهي ته قومپرست اڳواڻ چونڊن کان ڪجهه هفتا اڳ تڪن جو اعلان ڪري مهم هلائي انهن ماڻهن کان چونڊ کٽي سگهن. جيڪي پنجن ورهين کان اتي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ رهيا هجن ان ڳالهه جي تمام گهڻي ضرورت آهي ته قومپرست پارٽيون سنڌ جي مختلف تڪن کي طئه ڪري اتي پنهنجي اميدوارن کي هاڻي کان ئي پڌرو ڪن. اهي اميدوار اڳواڻ ايندڙ پنج ورهيه پنهنجي تڪن ۾ عوامي لهه وچڙ جا مرڪز قائم ڪري اتي عوام سان لڳاتار رابطي ۾ رهن ۽ سندن روزمره جي مسئلن ۾ ساٿن گڏ بيهن ان سان مقامي ماڻهن کي ڪجهه نه ڪجهه واهر ملڻ لڳندي ته ساڳئي وقت حڪمران پارٽين تي به دٻاءُ پوندو ته اهي ماڻهن سان دورن ڏڳن وارو ورتاءُ ڪرڻ بجاءِ سندن مسئلا حل ڪن. عوام سان 24 ڪلاڪن جو رابطو. سندن مسئلن ۾ ڏکن ۽ سکن مهل گڏ هجڻ اليڪشني سياست جي بنيادي گهرج آهي. پنجن سالن تائين لڳاتار اها مشق ڪرڻ ڪانپوءِ وڃي قومپرست ڌريون انهن تڪن تي عوام ۾ ڪي پاڙون ڪوڙي سگهنديون.

جيڪڏهن قومپرست پارٽيون پنهنجن تڪن ۾ ورڪرن جو هڪ نيٽ ورڪ جوڙي وٺن ته ايندڙ مڪاني چونڊن ۾ انهن مان ڪجهه ڪارڪن هيٺين سطح تي سياسي نظام ۾ پيرڪري سگهندا. گذريل مڪاني چونڊن ۾ قومپرست ڌرين ڪا منظم حڪمت عملي ناهي بهرو نه ورتو اهو خال پرڻ جي ضرورت آهي. قومپرست ڌرين کي پنهنجي اليڪشني حڪمت عملي جو تنقيدي جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. جيڪي قومپرست سوچ رکندڙ يا سندن حامي هميشه جيان عام سنڌ واسين کي ان لاءِ ميار ڏين ٿا يا ڪٺي ٻولي لکن ٿا. انهن کي سمجهڻ گهرجي ته عوام اسان جي خواهشن تي نه پر پنهنجي حقيقتن جي جهان ۾ جيئن ٿا. ايئن ناهي ته ساٿن ٿيندڙ ورتاءُ جو ڪين احساس ناهي پر سندن زندگين جون حقيقتون طئه ڪن ٿيون ته اهي پنهنجو ووٽ ڪنهن کي ڏين. ڪين اڻ ڄاڻائيءَ جا مهڻا ڏيڻ بجاءِ هنن اڳيان روزمره جي مسئلن وقت هڪ متبادل ٿي موجود هجڻ جي ضرورت آهي. اهي ساڳيا سنڌ واسي سنڌ جي زندگي ۽ موت جي مسئلن تي اوهان جو سڏ ورنائيندا آهن.

جيڪڏهن قومپرست پارٽيون پنهنجي حڪمت عملي کي پ پ مخالفت جي محدود دائري مان ڪڍي سنڌ لاءِ هڪ جامع سياسي پروگرام جي شڪل ۾ ڪٺي منظم طريقي سان وک وڌائين ته ڪجهه عرصي اندر اهي پنهنجي پارلياماني ڌر واري سڃاڻپ پيدا ڪري وٺنديون. جيڪڏهن قومپرست ڌريون ايئن پارلياماني محاذ تي پنهنجي ڪا الڳ سڃاڻپ پيدا ڪري وٺن ته ڪين ملڪي سطح جون پارٽيون. مقامي ميڊيا توڙي ملڪي ۽ غير ملڪي ميڊيا اهميت ڏيڻ تي مجبور ٿي وينديون. ان سان سنڌ جي قومي حقن وارن معاملن تي قومپرست ڌرين جي آواز کي به سگهه ملندي. هن وقت سنڌ بابت ملڪي سطح جي ادارن ۾ جيڪي فيصلا ٿين ٿا. انهن ۾ پيپلز پارٽيءَ کي ئي سنڌ جي نمائنده ڌر طور شامل ڪيو وڃي ٿو قومپرست ڌرين جو مضبوط پليٽ فارم ڪين اهم فيصلن ۾ هڪ ڌر واري حيثيت به ڏياري سگهي ٿو.

هڪ ٻي اهم ضرورت قومپرست پارٽين جي ڪراچي جي سياست ۾ سرگرم ٿيڻ آهي. ڪراچي ۾ هاڻي سنڌين جي هڪ تمام وڏي آبادي رهي ٿي ۽ انهن جي هڪ وڏي انگ جو ووٽ اجان به ٻهراڙين ۾ آهي. ڪراچي ۾ قومپرست جماعتن جي آفيسن جو نه هجڻ هڪ وڏو خال آهي. جيڪا ڌر اتي ويهي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ واهر ڪندي. مقامي ماڻهو سندن روزمره جي ضرورتن ۽ خرچ جي به واهر ڪري وٺندا. ان ڪري پري ڪان ويهي وسيلا نه هجڻ کي ڪراچي ۾ سرگرم نه ٿيڻ جو بنياد نه بنائڻ گهرجي. ڪراچي سنڌ واسين جو مستقبل آهي. تنهنڪري اتي سياسي قيادت جي سرگرم موجودگي ضروري آهي. قومپرست ڌرين کي پارليامينٽ جي اهم موضوع تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ سنجيدگي، جامع حڪمت عملي ۽ لڳاتار عمل جي ضرورت آهي.

روزاني پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دَردَ جي دَوا:
جانِبَ! منهنجي جِيءَ ۾ آزَرَ جا آنوا:
صاحبَ! ڏي شِفا، ميان! مريضن کي.

هاڻي عوام سان ڪيل واعدن کي وفا ڪرڻ جو وقت آهي

تحرير: آزاد اي رحمان سپڙو

حسب روايت چونڊون کٽندڙ اڪثر ماڻهو پنهنجي ڪاميابي کي جمهوريت جي فتح ۽ عوام جي خدمت جي عيوض ڪامياب ٿيڻ جو سبب ڄاڻائي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف چونڊون هارائيندڙ ماڻهو هميشه جيان چونڊن کي بوگس ۽ جعلي قرار ڏئي رهيا آهن.

جيڪا ڳالهه مناسب آهي يا نه اهو ٿي حق الڳ بحث آهي جنهن تي مفصل طور تي لکڻ جي ضرورت آهي البته اخلاقي جرئت اها آهي ته پنهنجي سرپ سان گڏ ڪڏهن شڪست به قبول ڪري ۽ پنهنجي ڪمين ڪوتاهين جو جائزو وٺي مستقبل لاءِ نئين سر مضبوط حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي. ملڪ جا وڏا ڏاها، دانشور، مبصر ۽ تجزئي نگار تواريخ جي جائزي ۽ موجوده حالتن تي گهري نظر رکي، سمورو جائزو وٺي پنهنجي پنهنجي راءِ ڏئي رهيا آهن.

هونئن ته چونڊن جي شفافيت تي اعتراض اٿارڻ لاءِ سوين سوال موجود آهن ۽ حقيقتن کي جاچي پنهنجو جائزو وٺي سمورن سياسي ۽ جمهوري فورسز کي ملڪ ۽ عوام جي بهتري واسطي پنهنجو قبلو درست ڪري هن ملڪ کي سياسي ۽ معاشي طور مضبوط ڪري غربت ۽ ذلت مان نجات ڏيارڻ جي اڄ شديد ترين ضرورت آهي.

هن وقت ڪنهن به سياسي پارٽي کي مرڪز ۾ حڪومت ٺاهڻ لاءِ واضح طور سادي اڪثريت ناهي. جنهن سبب هر هڪ پارٽي جا سياسي اڳواڻ پنهنجي حڪومت ٺاهڻ لاءِ جوڙ توڙ جي سياست ۾ لڳي ويا آهن.

انهي سلسلي ۾ ڪالهه ميان محمد نواز شريف چونڊن ۾ مرڪز توڙي پنجاب اندر پاڻ کي اڪيلي طور وڏي سياسي پارٽي هجڻ جي دعوي ڪري ۽ ملڪ مان سمورن مسئلن کي ختم ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وڏو ڏاهو، مدبر ۽ ملڪي درد رکندڙ سمجهندي پنهنجي مٿان چڙ نه وڏو ملڪي بار محسوس ڪيو آهي ۽ انهي سلسلي ۾ پنهنجو فرض سمجهندي هن ميان شهباز شريف کي ٻين سياسي پارٽين سان گڏجي حڪومت ٺاهڻ لاءِ ٽاسڪ ڏنو آهي.

اڳوڻي صدر آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري صاحب ۽ پيپلز پارٽي جي ٻئي قيادت ان حوالي سان پنجاب ۾ ترسيل آهن جتي نواز ليگ قيادت ساٿڻ حڪومت سازي جي معاملي تي رابطن ۾ آهي.

هن موقعي تي سياسي فورسز کي اها به گذارش آهي ته جمهوري قدرن جي پاسداري ڪندي پنهنجي حڪومت ٺاهڻ سڀني سياسي پارٽين جو حق آهي پر ان سلسلي ۾ ايوان کي ڪنهن به ريت انساني ضمير خريد ڪرڻ جي منڊي هرگز به نه لڳائڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته ان عمل سان اخلاقيات ختم ٿيندي آهي. حق ۽ سچ جو جذبو مري ويندو آهي جنهن سبب هي معاشرا، ملڪ، قومون ۽ ادارا تباهه ٿي ويندا آهن.

ميان صاحب پنهنجي خطاب وقت ڪجهه ڳالهيون ڪيون جن مان ڪي بهتر ته ڪي وري عجيب به لڳيون. مثلاً: چونڊن جا نتيجا مڪمل طور تي ته اچڻ ڪان اڳ ۾ پنهنجي پارٽي کي مڪمل طور ملڪ جي وڏي سياسي پارٽي سمجهڻ! ملڪ جي گڏيل مفاد ۾ سمورن سياسي پارٽين کي گڏجي ويهڻ جي دعوت ڏيڻ ۾ هڪ وڏي سياسي پارٽي پي ٽي آءِ جو نالو به نه کڻڻ. انتقام واري سياست کي ڇڏي ۽ عبادت واري سياست جي شروعات جي دعوي! ڪرڻ باوجود به هڪ وڏي سياسي پارٽي جي جيل ۾ ويٺل اڳواڻ جو نالو وٺڻ به گوارا نه ڪرڻ.

سچ پچ ته هي بلڪل به عجيب ڳالهه آهي ۽ ملڪ جون حالتون سمورن سياسي اڳواڻن ڪان اها تقاضا ٿيون ڪن ته حقيقتن کي قبول ڪري پوري نيڪ نيتي سان هن ملڪ کي ڏهڻ ۽ مشڪل مان ڪڍڻ لاءِ ايڪي، اتحاد ۽ سچائي جو مظاهرو ڪرڻو پوندو، پنهنجي سياسي ۽ ذاتي انائن ڪان ملڪي ۽ قومي مسئلن کي اهم ۽ اتم سمجهي اڳتي وڌڻ ملڪ ۾ جمهوري قدرن ۽ اخلاقيات جو خيال رکي هن ملڪ کي ڏهڻ مان ڪڍڻو پوندو.

موجوده چونڊن ۾ بلاول ڀٽو زرداري نوجوان هوندي به پراڻن ۽ بزرگ سياستدانن کي پنهنجي اليڪشني مهم دوران اهو چيو هيو ته آئون انتقام ۽ انتشار واري سياست کي ختم ڪري برداشت، سنجيدگي ۽ رواداري واري سياست ڪرڻ کي پسند ڪندس ۽ مان ڪنهن به پنهنجي سياسي مخالف ڪان ڪوشي به انتقام نه وٺندس.

سچ پچ ته منهنجي خيال ۾ عوام مان ڪافي ماڻهن سندس انهي سوچ ۽ مؤقف کي بهتر سمجهندي ۽ ٻين صوبن اندر ڪاميابي سان اليڪشني مهم هلائڻ جي ڪري گذريل اليڪشن جي پيٽ ۾ پوري ملڪ اندر وڌيڪ ڪامياب ڪري سندس بياني کي درست سمجهو آهي.

اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪڏهن به ڪنهن ڏاڍ ۽ جبر جي طاقت سان ماڻهن جي دلين تي حڪومت ڪري نٿي سگهجي ۽ نه ئي عوام جي اندر وارن اڌمن ۽ جذبن کي روڪي سگهجي ٿو جنرل ضياء پاران پيپلز پارٽي کي ختم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي پر پيپلز پارٽي کي وقتي طور ته مشڪلاتون درپيش آيون پر سوين ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي باوجود به اڄ تائين اها ضيائي جبر ۽ ڏاڍ جي ڪري عوام جي دلين مان نه نڪري سگهي آهي.

اهڙي ريت عمران خان به هڪ سياسي قوت آهي جنهن سان توهان جا سؤ دفعا نظرياتي ۽ سياسي اختلاف هجن پر عوام جو وڏو حلقو ساٿس محبت ڪري ٿو، سياست جي ميدان ۾ سندس ڪجهه ڪوتاهين جي باوجود مٿس مشڪلاتون آيون ۽ سندس قيادت کي مجبور ڪري سوڙهو ڪيو ويو پر پوءِ به هڪ عوامي ليڊر کي ماڻهن جي دلين مان ڪڍڻ ڪنهن جي به وس جي ڳالهه ناهي.

انهيءَ سموري پسمنظر جي روشني ۾ ماڻهن جي ضمير جي خريد ۽ فروخت واري منڊي لڳائڻ بدران ڪوئي مناسب حل ڪڍڻ جي ضرورت آهي ته جيئن پاڻ ۾ گڏجي سمورن سياسي فورسز کي هن ملڪ کي ترقي جي رستي تي آڻڻ لاءِ پنهنجون درست راهون متعين ڪرڻ ۾ ڪا آساني ٿي سگهي جيڪا اڄ وقت جي اهم ترين ضرورت آهي ته جيئن هن غربت، افلاس ۽ ذلت مان جند ڇڏائي سگهجي.

حسب روايت چونڊون کٽندڙ اڪثر ماڻهو پنهنجي ڪاميابي کي جمهوريت جي فتح ۽ عوام جي خدمت جي عيوض ڪامياب ٿيڻ جو سبب ڄاڻائي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف چونڊون هارائيندڙ ماڻهو هميشه جيان چونڊن کي بوگس ۽ جعلي قرار ڏئي رهيا آهن. جيڪا ڳالهه مناسب آهي يا نه اهو الڳ بحث آهي جنهن تي مفصل طور تي لکڻ جي ضرورت آهي البته اخلاقي جرئت اها آهي ته پنهنجي سرپ سان گڏ ڪڏهن شڪست به قبول ڪري ۽ پنهنجي ڪمين ڪوتاهين جو جائزو وٺي مستقبل لاءِ نئين سر مضبوط حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي.

بقايا 01

نيشنل پارٽي، پشتونخوا نيشنل عوامي پارٽي پاڪستان، بلوچستان عوامي پارٽي ۽ مجلس وحدت المسلمين هڪ — هڪ سيٽ حاصل ڪئي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن ريٽرننگ آفيسرن کي عام چونڊون 2024 ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ڪيترن ئي تڪن تي اميدوارن جي ڪاميابي جا حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ 4 رڪني بينچ اين اي 48 ۾ نتيجن جي مبينه تبديلي تي ٻڌڻي ڪئي. تحريڪ انصاف جي اميدوار علي بخاري جي وڪيل دليل ڏيندي چيو ته علي بخاري فارم 45 موجب ڪامياب ٿيو آهي. ريٽرننگ آفيسر اسان جي استدعا جي ابتڙ فارم 47 جاري ڪري ڇڏيو اسان جي 50 هزار جي ليڊ کي ختم ڪيو ويو اليڪشن ڪميشن استحڪام پارٽي جي نامزد ڪامياب آزاد اميدوار راجه خرم نواز کي نوٽيس جاري ڪندي ريٽرننگ آفيسر کي اسلام آباد مان اين اي 47 ۽ 48 جا حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح پي ڪي 73، 80 ۽ پي ڪي 82 جي به نتيجن خلاف ٻڌڻي ٿي. اليڪشن ڪميشن ٻنهي تڪن ۾ ريٽرننگ آفيسرن کي حتمي نتيجا جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو پي ڪي 79 تان تيمور سليم ۽ پي ڪي 82 تان ڪامران بنگش نتيجن کي چيلينج ڪيو آهي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن ۾ اين اي 28، اين اي 49 اٽڪ، اين اي 50 اٽڪ، اين اي 55 راولپنڊي، اين اي 63 ۽ اين اي 65 جي نتيجن کي به چيلينج ڪيو ويو آهي. پي بي 01، پي بي 11، پي بي 20، پي بي 14، پي بي 16، پي بي 31، پي بي 33، پي بي 59 جا نتيجا به اليڪشن ڪميشن ۾ چيلينج ڪيا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ قومي اسيمبلي جي 10 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 16 سيٽن تي آر اوز کي حتمي نتيجا جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو

بقايا 02

73 ڊسڪ مان ن ليگ اميدوار سيده نوشين افتخار، اين اي 112 ننڪانه مان ن ليگ اميدوار شذره منصب علي خان کرل ۽ اين اي 119 مان ن ليگ جي مريم نواز شريف ڪامياب ٿي. اهڙي ريت اين اي 156 مان آزاد اميدوار عائشه نذير، اين اي 158 وهاڙي مان ن ليگ جي تهمينه دولتانه، اين اي 185 ڊيرا غازي خان مان آزاد اميدوار زرتاج گل، اين اي 202 خيرپور مان پ پ جي نفيسه شاهه، اين اي 209 مان پ پ جي شازيه مري ۽ اين اي 232 ڪراچي مان ايم ڪيو ايم جي آسيه اسحاق صديقي ڪامياب ٿي.

بقايا 03

. لاهور ۾ وسيم قادر ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز سان ملاقات ڪري پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪيو. وسيم قادر ن ليگ قائد نواز شريف تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪندي چيو ته تڪ جي عوام ۽ دوستن جي مشاورت سان ن ليگ ۾ شامل ٿي رهيو آهيان. ان موقعي تي مريم نواز وسيم قادر جي فيصلي جي آجيان ڪئي ۽ کيس مبارڪباد ڏني.

بقايا 04

ڪيون ويون. مسلم ليگ (ن) جي وفد ۾ اعظم نذير تارڙ، اياز صادق، احسن اقبال، راڻا تنوير، خواجا سعد رفيق، ملڪ احمد خان، مريم اورنگزيب ۽ شازا فاطمه شامل آهن. حڪومت سازي ۾ تعاون بابت توهان جي تجويز تي سيائتي سينٽرل ايگزيڪيوٽو

ڪميٽي جي اجلاس ۾ غور بعد جواب ڏينداسين. جڏهن ته پ پ ۽ ن ليگ ۾ حڪومت سازي لاءِ رابطن جي اندروني ڪهاڻي سامهون آئي وئي. ذريعن موجب ن ليگ طرفان پ پ کي 3 آئيني عهدن جي آڇ ڪئي وئي، پ پ کي صدر، قومي اسيمبلي اسپيڪر، سينيٽ چيئرمين جي آڇ ڪئي وئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ن ليگ بلوچستان جي وزارت اعليٰ لاءِ پ پ جي خواهش تي راضي آهي. جڏهن ته پ پ پنجاب ۾ وڏي عهدي جي خواهش جو اظهار ڪيو آهي. ذريعن موجب ن ليگ پنجاب ۾ پ پ کي ڊپٽي وزيراعليٰ يا سينيئر وزير ڏيڻ جي آڇ ڪئي آهي پر پ پ پنجاب ۾ ن ليگ جي ڊٻل آڇ تي اڃا راضي ناهي ٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻئي جماعتون پنهنجي سي اي سي سان مشاورت ڪانپوءِ حتمي ڳالهه ٻولهه ڪنديون. ٻئي پاسي ن ليگ جي اجلاس ۾ شهباز شريف وزيراعظم ۽ مريم نواز وزير اعليٰ پنجاب لاءِ مضبوط اميدوار ٺهجي سامهون اچي ويا. ذريعن موجب ن ليگ قائد نواز شريف جي صدارت هيٺ ملڪي سياسي صورتحال تي اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ پنجاب ۾ صوبائي حڪومت ٺاهڻ لاءِ شروعاتي حڪمت عملي تي غور ويچار ڪيو ويو اجلاس ۾ ڪجهه شرڪت ڪندڙن شهباز شريف کي وزيراعظم طور نامزد ڪرڻ جي تجويز ڏني ته ڪيترن ئي ان تجويز جي حمايت ڪئي. اجلاس دوران پارٽي قيادت ن ليگ جي وزارت عظميٰ جي اميدوار جي فيصلي جو اختيار شريف پاڻن کي ڏنو ذريعن جو چوڻ آهي ته ن ليگ شهباز شريف ۽ مريم نواز جو نالو پنهنجي امڪاني اتحادين سامهون رکندي، پ پ، ايم ڪيو ايم، جمعيت علماءِ اسلام ۽ ٻين جي حمايت وٺڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. ذريعن موجب ن ليگ حڪومت سازي بابت پنهنجون تجويزون اتحادين سامهون رکي گڏيل طور فيصلو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، حتمي فيصلو پ پ سان ڳالهين جي فائنل رائونڊ ڪانپوءِ ڪيو ويندو اجلاس ۾ صدر ۽ سينيٽ چيئرمين جا عهدا اتحادين کي ڏيڻ جڏهن ته قومي ۽ صوبائي اسيمبلي اسپيڪر جا عهدا ن ليگ وٽ رکڻ جون تجويزون سامهون آيون. ٻئي پاسي ايم ڪيو ايم جي وفد مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ ميان نواز شريف سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ حڪومت ٺاهڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون. ڊاڪٽر خالد مقبول صديقي جي سربراهي ۾ ايم ڪيو ايم اڳواڻن جي وفد پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي اڳواڻ ميان نوازشريف سان ملاقات ڪئي. اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي صدر شهباز شريف ۽ چيف آرگنائيزر مريم نوازشريف ۽ پارٽي جا ٻيا اڳواڻ به ان موقعي تي موجود هئا. سياسي ويهڪ ۾ نئين حڪومت سازي، ايندڙ سياسي حڪمت عملي سميت ٻين اهم معاملن تي ڳالهيون ڪيون ويون. مسلم ليگ(ن) ۽ متحده قومي موومينٽ وچ ۾ ملاقات جي اندروني ڪهاڻي به سامهون اچي وئي آهي. ذريعن موجب ايم ڪيو ايم مطالبن جي لسٽ نوازشريف جي سامهون رکي ڇڏي ۽ (ن) ليگ جي حڪومت بڻجڻ جي صورت ۾ سنڌ جي گورنر شپ گهري ورتي. جڏهن ته ڪراچي ۽ وفاق جي ترقياتي منصوبن ۾ آن لائين بورڊ رکڻ جو پڻ مطالبو ڪيو ويو نوازشريف ايم ڪيو ايم جي شرط جو مثبت انداز ۾ جواب ڏنو ۽ ايم ڪيو ايم، پيپلز پارٽي وچ ۾ ٽياڪڙي جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ حامي ڀري. نوازشريف شهباز شريف کي هدايت ڪئي ته ايم ڪيو ايم ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ ٽياڪڙي جو ڪردار هاڻ اوهان کي ادا ڪرڻو آهي.

بقايا 05

پارٽي اڪيلي سر حڪومت نٿي ٺاهي سگهي، حڪومت سازي جو مرحلو پارٽي جي سي اي سي ۾ طئي ٿيندو هن چيو ته ميٽنگ ۾ اهم فيصلا ٿيندا. پارٽي اجلاس ۾ اسان هاڪاري فيصلا ڪنداسين. بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم ڏسڻ چاهيون ٿا.

بقايا 06

موڪل ڪئي وئي آهي. گڏيل عرب امارتن جي رياستن ابوظهبي، شارجا، فجيرا، عجمان ۽ راس الخيمه ۾ ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان تيز مينهن وسيو موسميات کاتا خراب موسم جو الرٽ جاري ڪري ڇڏيو آهي ۽ وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي به ڪئي وئي آهي. تعليمي کاتي دبئي ۽ شارجا جي تعليمي ادارن ۾ سومر تي موڪل جو اعلان ڪيو آهي. اماراتي اختيارين سرڪاري ۽ نجي ڪمپنين جي ملازمن کي گهران ويهي ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي. جڏهن ته شهرين کي غير ضروري سفر ڪان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 07

ڪميٽي جي آصف زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي صدارت ۾ ليڊنڊ اجلاس ۾ حڪومت سازي بابت اهم فيصلا ڪيا ويندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته اجلاس ۾ ن ليگ، ايم ڪيو ايم سوڌو ٻين جماعتن سان رابطن جو جائزو ورتو ويندو. ترجمان موجب اجلاس زرداري هائوس اسلام آباد ۾ ٿيندو.

بقايا 08

ڇڏي، ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته مستحڪم اتحادي حڪومت ۾ بلاول ڀٽو کي وزيراعظم هجڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ پ پ اتحادي حڪومت جو حصو بڻجڻ بدران اپوزيشن ۾ ويهي. هن چيو ته پ پ کي پنهنجي ترجيحن جي خبر هجڻ گهرجي ۽ اپوزيشن بڻجي قوم جي خدمت ڪري.

بقايا 09

جو ذميوار پي ڊي ايم ٽولي ٺاهل. عوام طرفان رد ٿيل ماڻهن جو ٽولو آهي. هن چيو ته عوام ووٽ ذريعي ٺاهلن جي ٽولي کي رد ڪري ڇڏيو. پي ڊي ايم 16 مهينن ۾ عوام کي معاشي تباهي ۽ بدترين مهانگائي ڏانهن ڌڪيو سندس چوڻ هو ته آئين پامال ڪرڻ تي چيف اليڪشن ڪمشنر، اليڪشن ڪميشن ميمبر استعيفيٰ ڏين. عوامي ميندڊيٽ جي ابتڙ ڪنهن کي مڙهڻ جي ڪنهن منصوبي کي قبول نه ڪنداسين.

بقايا 10

چونڊون آهن صحافين سان ڳالهائيندي بابر اعوان چيو ته پاڪستان ۾ پ ٽي آءِ چونڊون کٽيون آهن. 8 فيبروري تي پي ٽي آءِ باني کٽيو جڏهن ته 9 فيبروري جي چونڊ ۾ نواز شريف کي کٽرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته ڪمال ٿي ويو، اسان بيٽ بنا ڊبل سينچري ڪراس ڪري ورتي آهي. تحريڪ انصاف کي خيبر پختونخواهه، پنجاب ۽ مرڪز ۾ حڪومت ٺاهڻ ڏني وڃي. سندس چوڻ هو ته نواز شريف ووٽ بنا وڪٽري اسپيچ ڪري ڇڏي. اسان 9 فيبروري وارو نتيجو رد ٿا ڪيون، سڄي دنيا 9 فيبروري وارو نتيجو رد ڪري ڇڏيو آهي. بابر اعوان مطالبو ڪيو ته تحريڪ انصاف باني کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ۽ صدر پنهنجو معافي جو اختيار استعمال ڪري.

بقايا 11

پيو وڃي ته سياسي ڇڪتاڻ تان علي حسن ڏاهاڻي ۽ علي حسن چانڊيو جي ٻن ڌرين طرفان هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ڪئي وئي. ٻئي طرف ماهوتا پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شروعاتي جاچ موجب ڏاهاڻي ۽ چانڊيا ذات جي ٻن ڌرين ۾ سياسي جلسي ڪرائڻ جي ڳالهه تان جهيڙو ٿيو آهي جنهن ۾ ڊي ايس پي بشير شر پوليس موبائل ۾ گشت ڪندڙ اي ايس آءِ سلطان شاهه ۽ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو آهي زخمين کي تراما سينٽر منتقل ڪيو ويو لاڙڪاڻو پوليس موجب واقعي واري هنڌ پوليس نفري پهچي فائرنگ بند ڪرائي آهي زخمين ۾ ڊي ايس پي بشير شر مسعود غفار عرفان اعتبار ڏاهاڻي ۽ هڪ پوليس اهلڪار ٻڌايا وڃن پيا زخمين کي تراما سينٽر منتقل ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي موجب سياسي معاملي تان شروع ٿيل جهيڙي ۾ 2 ڄڻا قتل ٿي ويا. جهيڙي ۾ ڊي ايس پي صدر بشير شر، اهلڪار صدام، ۽ اي ايس آءِ سلطان شاهه زخمي ٿي پيا هئا جن کي اسپتال نيو ويو جتي اي ايس آءِ سلطان شاهه زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو.

بقايا 12

موجب پ پ ۽ ن ليگ پي ٽي آءِ جي حمايت يافته 20 کان وڌيڪ ميمبرن سان رابطا ڪيا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته رابطن ڪانپوءِ پي ٽي آءِ اڳواڻ گهرڪان، عمير نيازي ذريعي ميمبرن کان استعيفائون ۽ حلف ناما گهريا آهن. ذريعن موجب استعيفائون ۽ حلف ناما وٺڻ جو مقصد آزاد ميمبرن کي وفاداريون تبديل ڪرڻ ڪان روڪڻ آهي.

بقايا 13

جي علائقي شڳوڪس ۾ ٿيل پوليس ڇاپي ۾ ٽائير ته مارجي ويلن ٻارن جي عمر 7 ڪان 8 سالن جي وچ ۾ آهي. جيڪي مڇي پڪڙي رهيا هئا. ڌماڪو بارودي مواد ڦاٽڻ سبب ٿيو. هوڏانهن سيڪيورٽي فورسز علائقي جو گهيرو ڪري سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو

بقايا 14

لباس پائي پي ڊي ايم 2 کي ٻيهر عوام جي مٿان مڙهيو پيو وڃي. 3 ڏينهن اڳ عوام پنهنجي ووٽ جي ذريعي ناڪال ڌوهارين جي انهي ٽولي کي ئي پنهنجي ووٽ ذريعي رد ڪري ڇڏيو جنهن 16 مهينن جي دوران عوام کي معاشي ۽ انتظامي تباهي ۽ بدترين مهانگائي جي دلدل ۾ ڌڪيو پي ٽي آءِ ترجمان چيو ته عزت، نفس ۽ دستور قانون جي احترام ڪان هٽي ڪري چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جمهوريت تي ڪلي طريقي سان ڌاڙو هڻڻ ۾ ڪ سهولتڪار بڻيل آهن. دستور پامال ڪرڻ، قانون جون بڪيون اڏائيندڙ جمهوريت کي داغدار ڪرڻ ۽ عوامي ميندڊيٽ جي بيحرمتي جو دروازو کوليندڙ چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن فوري طور تي استعيفيٰ ڏين. جماعت اسلامي پاڪستان جي امير سراج الحق چيو ته اليڪشن ڪميشن شفاف چونڊون ڪرائڻ جي آئيني ذميواري پوري ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويو اليڪشن ڪميشن (ن) ليگ، پ پ ۽ ايم ڪيو ايم کي سپورٽ ڪيو منصوره ۾ ڳڏجاڻي کي خطاب ڪندي سراج الحق چيو ته اليڪشن ۾ سڀني جي لاءِ ليول پلينگ فيلڊ نه هئي اها عوام ۽ ووٽرز سان زيادتي هئي جنهن جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي اها گهٽ آهي. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن جي نتيجن کي صحيح نه ڪيو ويو ته احتجاج کي اليڪشن ڪميشن جي هيڊ آفيس اسلام آباد تائين وڌائي سگهون ٿا. آزاد اميدوار به جيڪڏهن اسان جي مظاهري ۾ شريڪ ٿيڻ چاهين ته کين ڀليڪار چونداسين.

بقايا 15

منٽن ڪانپوءِ جوابدار ڊرائيور کي ڇڏي وين سميت فرار ٿي ويا. پوليس موجب ڊرائيور جي اطلاع تي وين کي ٽريڪر ذريعي ٽريڪ ڪيو ويو، جيڪا ٽيپو سلطان واري علائقي مان خالي ملي، پوليس جو چوڻ آهي ته وين ڊرائيور جو بيان فيروز آباد ٿاڻي ۾ رڪارڊ ڪيو ويندو ڪراچي اليڪٽرونڪس ڊيلرز ايسوسي ايشن (ڪيڊا) جي صدر محمد رضوان عرفان جو چوڻ آهي ته هي 14 هون واقعو آهي، ان جي مذمت ڪريون ٿا. آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته واپارين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 16

ٿي پيا. اسپتال ۾ شارٽ سرڪٽ جي نتيجي ۾ ايمرجنسي اندر سلينڊر ڌماڪو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو زخمي ٿي پيا، جن کي سول اسپتال جي برنس وارڊ منتقل ڪيو ويو سنڌ جي صحت واري وزير سعد خالد لياقت آباد جي گورنمينٽ اسپتال جو دورو ڪري ايمرجنسي وارڊ جو به دورو ڪيو. هن چيو ته باهه شارٽ سرڪٽ سبب لڳي پر ڪو مريض متاثر ناهي ٿيو. 7 ملازم متاثر ٿيا آهن. جن مان 4 جي حالت ڳنڀير ڄاڻائي آهي. هوڏانهن سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري واقعي جو نوٽيس وٺندي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا 17

عوام احتجاج سبب پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي، عالمي خبررسان اداري موجب هنگري ۾ واقع هڪ چلڊرن هوم جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر کي ٻارن سان پنهنجي باس جي جنسي زيادتي جي ڪيسز کي لڪائڻ ۽ ان فعل کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي هئي. گذريل سال اپريل ۾ جڏهن پوپ فرانسس هنگري جو دورو ڪيو هو ته ان دوران ٻارن سان جنسي زيادتي ڪيس ۾ جوابدار جي سزا معاف ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو هاڻي اهو واضح ناهي ته سزا معافي جي ان تڪراري فيصلي تي پوپ فرانسس اثرانداز ٿيو هو يا نه پر ان فيصلي بابت ڳالهه نڪرڻ تي اپوزيشن احتجاج شروع ڪري ڇڏيو هو جڏهن جوابدار جي آزادي جو اعلان ٿيو ته احتجاج ۾ تيزي اچي وئي ۽ صدر تي استعيفيٰ ڏيڻ جو دٻاءُ وڌي ويو. صدارتي آفيس ۽ گهر سامهون احتجاجي مظاهرا

ٿيا. مظاهرين مطالبو ڪيو ته صدر فوري طور تي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ۽ اڄ قطر جي دوري تان واپسي تي 46 سالن جي صدر نوواڪ استعيفيٰ ڏيڻ جو اعلان ڪندي چيو ته مون کان وڏي غلطي ٿي وئي. هنگري جي صدر وڌيڪ چيو ته مان سڀني ماڻهن کان معافي گهران ٿي جن کي ان سان تڪليف پهتي ۽ سڀني متاثرن کان معافي گهران ٿي جن بابت اهو تاثر هو ته مان انهن جو ساٿ نه ڏنو

بقايا 18

شڪست کي تسليم ڪري. مفتي ڪفايت الله چيو آهي ته اين اي 15 مانسهره ۾ ڪنهن به هنڌ تان شڪايت ناهي ملي. مان پاڻ به اميدوار هئس ۽ سمورن تڪن ۾ منهنجا ايجنٽ موجود هئا. هن چيو ته اين اي 15 مان مون کي ۽ نوازشريف کي شڪست ملي وئي آهي. نوازشريف هاڻ وڏو ماڻهپي جو مظاهرو ڪندي اين اي 15 تي پنهنجي شڪست کي مڃي. مفتي ڪفايت الله وڌيڪ چيو ته نوازشريف جنهن بنياد تي عدالت وڃي رهيو آهي اها تمام گهڻي ڪمزور آهي نوازشريف کي گهرجي ته اهو شهزادي گشتاسپ کي کٽڻ جي مبارڪباد ڏئي.

بقايا 19

درخواست منظور ڪئي وئي. ان حوالي سان پاڪستان تحريڪ انصاف جي حمايت يافته آزاد اميدوار عظيم الدين زاهد لکوي کي 12 فيبروري تي 12 وڳي جواب داخل ڪرائڻ جو نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي عظيم الدين زاهد لکوي جي 10756 ووٽ کٽي راڻا محمد اسحاق خان کي شڪست ڏني. عظيم الدين 136696 ووٽ حاصل ڪيا ٻئي طرف مسلم ليگ ن جي اڳوڻي ميمبر قومي اسيمبلي شيخ روحيل اصغر جي اين اي 121 لاهور تي ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ جي درخواست رد ڪري ڇڏي، ريٽرننگ آفيسر چيو ته اليڪشن واري ڏينهن يا ٻئي ڏينهن ڪو به شڪايت ڪرڻ لاءِ نه آيو. هاڻي وقت گذري ويو آهي. اين اي 35 ڪوهاٽ ۾ ٻيهر پولنگ جي درخواست رد ڪئي وئي. اليڪشن ڪميشن موجب پي ڪي 90 ڪوهاٽ جي 25 پولنگ اسٽيشنن تي ٻيهر پولنگ 15 فيبروري تي ٿيندي.

بقايا 20

فائرنگ جي ڊي وٽ ڪوٽ مبارڪ جي علائقي ۾ ٿي. لاڏي گينگ جي ماڻهن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي. پوليس جي پهچڻ تي ڌاڙيلن فائرنگ ڪري ڏني اختيارين ٻڌايو ته پوليس طرفان به جوابي فائرنگ ڪئي وئي. جنهن ۾ 3 ڌاڙيل مارجي ويا. جڏهن ته هڪ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويو.

بقايا 21

ٿيا. عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته 7 آڪٽوبر کان هن وقت تائين شهيد فلسطينين جو انگ 28 هزار کان وڌي ويو آهي. جڏهن ته 67 هزار 749 کان وڌيڪ زخمي ٿيا آهن. ٻئي پاسي اتر غزه ۽ خان يونس ڪانپوءِ اسرائيل کان رفح مان به فلسطينين جي جبري بي دخلي ۽ زميني حملو ڪرڻ جي منصوبو ناهي ورتو آهي. هوڏانهن يهودي فوج العمل اسپتال ۾ داخل ٿي ڪيترن ئي مريضن ۽ طبي عملي جي اهلڪارن کي گرفتار ڪري ورتو ٻئي پاسي لبنان ۾ اسرائيلي هوائي حملي ۾ حزب الله اڳواڻ سميت ٻه ڄڻا مارجي ويا

بقايا 22

فريادي موجب 20 کان 25 هٿيارٻندن واردات ڪئي، جوابدارن وٽ ڪلاشنڪوف، ريپيٽر ۽ پستول هئا، جوابدار 3 ٽرڪن ۾ آيا ۽ مالڪ ۽ ملازمن کي رسن سان ٻڌي ڇڏيو ايف آءِ آر موجب هٿيارٻند رات جي اونداهي ۾ واردات ڪري فرار ٿي ويا، ڪاهيل مينهن جي قيمت ڪروڙين روپيا ٿئي ٿي. جڏهن ته جوابدار ڊورن سان گڏ هڪ ملازم کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويا.

بقايا 23

حيدرآباد ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران تاج محمد ناهيون جي اڳواڻي ۾ واڌو واهه باءِ پاس پل تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ميرپورخاص ۾ عام چونڊن دوران مبينه ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولانا حفيظ الرحمان فيض، قاري محمد قاسم، مفتي زبير احمد. مولانا فيصل شڪور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽول گيٽ وٽ ڌرڻو هنيو ويو جيڪب آباد ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران ڊاڪٽر اي جي انصاري، مولانا عبدالجبار رند، حماد الله انصاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو شڪارپور ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولوي مشتاق احمد سهنڊڙو، مولانا غلام قادر بروهي، ايڊووڪيٽ زاهد ڀهوڙ، محمد طيب ميڪو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندن چورنگي وٽ ڌرڻو هنيو دادو ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولوي غلام حسين چنا، شاهنواز خشڪ، مولوي منظور احمد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جوهي موڙ وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو متياري ۾ به عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران سارنگ مگراڻو سليم سنڌي، امير بخش ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، سانگهڙ ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ملي ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران عزيز الله ساند، رب ڏنو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قانگاريو اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو ويو عمر ڪوٽ ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولانا يعقوب نعماني، عمران ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو موري ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو غوثپور ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولانا شمس دين پيرزي، مولوي ڪفايت الله ۽ مولانا جمالدين اوگاهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ راجا بجاراڻي لاڙي وٽ ڌرڻو هنيو لکي غلام شاهه ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو پيهرلو ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو تندي باگي ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولوي عبدالواحد فاروقي جي اڳواڻي ۾ بدر چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو سڪرنڊ ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف مولانا عبدالقيوم چنا، قربان ڪلر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو ويو نصير آباد ۾ به جي يو آءِ ڪارڪنن پاران قاري محمد عثمان مغيري، مولوي ياسين ڪانڌڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو. ماڇڻهڻ ۾ به جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف مولانا سدير احمد رند. شاهجهان ڪوسو، عڪاشا عباسي، مولانا علي گل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاڻوٽ وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڌانڌلي ذريعي جي يو آءِ جو ميندڊيٽ چوري ڪري چور عوام مٿان مڙهيا ويا آهن. جنهن خلاف پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته ڌانڌلي ۾ آر او سميت ٻيا سرڪاري آفيسر ملوث آهن. عام چونڊن ۾ بدترين ڌانڌلي ڪري جي يو آءِ اميدوارن کي شڪست ڏني وئي آهي

بقايا 24

ملاقات ڪئي آهي. ذريعن موجب بلاول ڀٽو زرداري ۽ آمريڪي سفير وچ ۾ اسلام آباد ۾ ملاقات ٿي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ملاقات ۾ بلاول ڀٽو زرداري مستقبل جي حڪومت سازي سميت چونڊ عمل تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

بقايا 25

پارٽي آهي، مسلم ليگ ن حمايت ڪانسواءِ اڪيلي سر حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ آهي. عظميٰ بخاري چيو ته ن ليگ قومي اسيمبلي ۾ به اڪثريتي پارٽي آهي. نواز شريف شهباز شريف کي انچارج لڳايو آهي ۽ هو پارٽين سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي. ن ليگ اڳواڻ چيو ته هڪ شخص ۽ هڪ شرپسند کي پاڪستان جو امن تباهه ڪرڻ نه ڏنو ويندو. قانون هٿ ۾ کڻڻ ۽ ٻيهر فساد ڪرڻ جي ڪوشش قبول نه ڪئي ويندي.

بقايا 26

سگهي. اتحادي حڪومت ٿي بڻجندي. جڏهن ته پنجاب ۽ بلوچستان ۾ به اتحادي حڪومت بڻجندي، هن چيو ته پ پ سنڌ ۾ حڪومت ٺاهي رهي آهي جڏهن ته بلوچستان ۾ به پ پ جي پوزيشن مضبوط آهي. وفاق ۾ پ پ، آزاد اميدوارن ۽ ن ليگ سان ملي حڪومت بڻائي سگهجي ٿي. پ پ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته نوازشريف يا مريم جي وزيراعظم بڻجڻ جو امڪان نه آهي. شهباز يا بلاول ڀٽو وزيراعظم بڻجي سگهن ٿا. هيٺ مٿاهين جي نتيجي ۾ آزاد اميدوار به وزيراعظم جو عهدو حاصل ڪري سگهي ٿو هن وڌيڪ چيو ته گرينڊ ڊيمو ڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) ختم ٿي چڪي آهي. مستقبل ۾ جي ڊي اي پيپلز پارٽي ۾ ضم ٿي ويندي.

بقايا 27

آهي. پي ٽي آءِ جي حمايت يافته آزاد اميدوار گشتاسپ خان چيو آهي ته اڄ اسان کي نتيجا ڏيڻ جو چيو ويو هو پر آر او ٻيهر غائب آهي. نوازشريف جو نائي صفدر اعوان پنهنجي شڪست ختم ڪرائڻ لاءِ آر او تي دٻاءُ وجهي رهيو آهي.

بقايا 28

ڳالهائيندي جان اڇڪزئي جو چوڻ هو ته ڪجهه عنصر باهه ۾ پڪائي را جي ايجنڊا تي هلي رهيا آهن ڪجهه سادا ماڻهو انهن جي ڏٽي ۾ اچيا آهن. دشمن پاڪستان کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري پيو. اسان کي ملڪ ۽ جمهوري ادارن جي حفاظت ڪرڻي آهي. ڪامياب

اليڪشن سان دشمن جي ايجنڊا ناڪام ٿي وئي آهي. پاڪستان ۾ ڏڦيڙ پکيڙڻ دشمن جي ايجنڊا آهي.

بقايا 29

وڏي پيماني تي ڌانڌلين، سرڪاري مداخلت ۽ خلائي مخلوق پاران نتيجن کي تبديل ڪرڻ خلاف آچر 11 فيبروري (اڄ) تي ڪراچي کان ڪشمور تائين ڀرپور احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو جماعت اسلامي سنڌ جي امير محمد حسين محنتي چيو آهي ته ملڪ ۾ چونڊون پُرامن ضرور ٿيون، پر اليڪشن ڪميشن صاف شفاف ۽ اٿريون چونڊون ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي چڪي، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ جهڙي طرح سان حڪومتي ادارن جي سرپرستي ۾ ڌانڌلي، پولنگ اسٽيشنن تي قبضا ذريعي عوامي ميندڊيٽ کي چوري ڪري نتيجا تبديل ڪرڻ انتهائي شرمناڪ عمل آهي.

بقايا 30

ڪاميٽي جي چيئرمين قمبر لغاري سميت 200 نامعلوم ماڻهن خلاف ٻي سيڪشن ٿاڻي تي دهشتگردي ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايف آءِ آر اين اي 227 تي چونڊيل عرفان لغاري، عمران لغاري ۽ سندن چاچي قمبر لغاري کي جوابدار ڄاڻايو ويو. ڪيس ۾ دهشتگردي ايڪٽ جا قلم شامل ڪيا ويا آهن. ايف آءِ آر ۾ ڄاڻايو ويو ته جوابدار عرفان لغاري، عمران لغاري ۽ قمبر لغاري سميت 200 جوابدارن پاڪ آرمي جي ڊگري ڪاليج واري ڪئمپ مٿان فائرنگ ڪري دهشتگردي ڪئي. عرفان لغاري ۽ سيتا ٽائون جو چيئرمين قمبر لغاري پوليس جي حراست ۾ اڻڄاڻل هنڌ منتقل، پ پ اڳواڻن جي گرفتاري ظاهر نه ڪئي وئي، ميهڙ ڊگري ڪاليج ٻاهران وڏي تعداد ۾ نفري مقرر، علائقي ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن

بقايا 31

تي جاري ڪيل بيان ۾ عارف علوي چيو ته سخت مالي بحران مان نڪرڻ، ڏکيا فيصلا ڪرڻ ۽ ماضي جون تڪليفون ختم ڪرڻ لاءِ هڪ حقيقي ميندڊيٽ ضروري هو جيڪو نظر اچي رهيو آهي. اسان کي ان پرجوش جذبي جو مشن ملهائڻ گهرجي ۽ دنيا کي پاڪستان جو اهو خوبصورت چهرو ڏيکارڻ گهرجي. هن چيو ته اسان جي شاندار مستقبل ۾ منهنجو اعتماد مضبوط ٿيو آهي، ڇو ته ماڻهن ڪليل نموني وڏي انگ ۾ پنهنجي مرضي جو اظهار ڪيو آهي. سندس چوڻ هو ته سياستدانن، انهن جي جماعتن ۽ اسان جي ادارن کي الله طرفان موڪليل ان موقعي تي قبول ڪري ان مان فائدو کڻڻ گهرجي، بيشڪ الله پاڪستان تي وڏو مهربان آهي.

بقايا 32

نيشنل پارٽي، پشتونخوا نيشنل عوامي پارٽي پاڪستان، بلوچستان عوامي پارٽي ۽ مجلس وحدت المسلمين هڪ — هڪ سيٽ حاصل ڪئي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن ريٽرننگ آفيسرن کي عام چونڊون 2024 ۾ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ڪيترن ئي تڪن تي اميدوارن جي ڪاميابي جا حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر جي سربراهي ۾ 4 رڪني بينچ اين اي 48 ۾ نتيجن جي مبينه تبديلي تي ٻڌڻي ڪئي. تحريڪ انصاف جي اميدوار علي بخاري جي وڪيل دليل ڏيندي چيو ته علي بخاري فارم 45 موجب ڪامياب ٿيو آهي. ريٽرننگ آفيسر اسان جي استدعا جي ابتڙ فارم 47 جاري ڪري ڇڏيو اسان جي 50 هزار جي ليڊ کي ختم ڪيو ويو اليڪشن ڪميشن استحڪام پارٽي جي نامزد ڪامياب آزاد اميدوار راجه خرم نواز کي نوٽيس جاري ڪندي ريٽرننگ آفيسر کي اسلام آباد مان اين اي 47 ۽ 48 جا حتمي نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو آهي. اهڙي طرح پي ڪي 73، 80 ۽ پي ڪي 82 جي به نتيجن خلاف ٻڌڻي ٿي. اليڪشن ڪميشن ٻنهي تڪن ۾ ريٽرننگ آفيسرن کي حتمي نتيجا جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو پي ڪي 79 تان تيمور سليم ۽ پي ڪي 82 تان ڪامران بنگش نتيجن کي چيلينج ڪيو آهي. ٻئي پاسي اليڪشن ڪميشن ۾ اين اي 28، اين اي 49 اٽڪ، اين اي 50 اٽڪ، اين اي 55 راولپنڊي، اين اي 63 ۽ اين اي 65 جي نتيجن کي به چيلينج ڪيو ويو آهي. پي بي 01، پي بي 11، پي بي 20، پي بي 14، پي بي 16، پي بي 31، پي بي 33، پي بي 59 جا نتيجا به اليڪشن ڪميشن ۾ چيلينج ڪيا ويا آهن. اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ ۾ قومي اسيمبلي جي 10 ۽ صوبائي اسيمبلي جي 16 سيٽن تي آر اوز کي حتمي نتيجا جاري ڪرڻ ڪان روڪي ڇڏيو

بقايا 33

لباس پائي پي ڊي ايم 2 کي ٻيهر عوام جي مٿان مڙهيو پيو وڃي. 3 ڏينهن اڳ عوام پنهنجي ووٽ جي ذريعي ناڪال ڌوهارين جي انهي ٽولي کي ئي پنهنجي ووٽ ذريعي رد ڪري ڇڏيو جنهن 16 مهينن جي دوران عوام کي معاشي ۽ انتظامي تباهي ۽ بدترين مهانگائي جي دلدل ۾ ڌڪيو پي ٽي آءِ ترجمان چيو ته عزت، نفس ۽ دستور قانون جي احترام ڪان هٽي ڪري چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن جمهوريت تي ڪلي طريقي سان ڌاڙو هڻڻ ۾ ڪ سهولتڪار بڻيل آهن. دستور پامال ڪرڻ، قانون جون بڪيون اڏائيندڙ جمهوريت کي داغدار ڪرڻ ۽ عوامي ميندڊيٽ جي بيحرمتي جو دروازو کوليندڙ چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ اليڪشن ڪميشن فوري طور تي استعيفيٰ ڏين. جماعت اسلامي پاڪستان جي امير سراج الحق چيو ته اليڪشن ڪميشن شفاف چونڊون ڪرائڻ جي آئيني ذميواري پوري ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويو اليڪشن ڪميشن (ن) ليگ، پ پ ۽ ايم ڪيو ايم کي سپورٽ ڪيو منصوره ۾ ڳڏجاڻي کي خطاب ڪندي سراج الحق چيو ته اليڪشن ۾ سڀني جي لاءِ ليول پلينگ فيلڊ نه هئي اها عوام ۽ ووٽرز سان زيادتي هئي جنهن جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي اها گهٽ آهي. هن وڌيڪ چيو ته اليڪشن ڪميشن جي نتيجن کي صحيح نه ڪيو ويو ته احتجاج کي اليڪشن ڪميشن جي هيڊ آفيس اسلام آباد تائين وڌائي سگهون ٿا. آزاد اميدوار به جيڪڏهن اسان جي مظاهري ۾ شريڪ ٿيڻ چاهين ته کين ڀليڪار چونداسين.

بقايا 34

ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولانا حفيظ الرحمان فيض، قاري محمد قاسم، مفتي زبير احمد. مولانا فيصل شڪور ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽول گيٽ وٽ ڌرڻو هنيو ويو جيڪب آباد ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران ڊاڪٽر اي جي انصاري، مولانا عبدالجبار رند، حماد الله انصاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو شڪارپور ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولوي مشتاق احمد سهنڊڙو، مولانا غلام قادر بروهي، ايڊووڪيٽ زاهد ڀهوڙ، محمد طيب ميڪو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪندن چورنگي وٽ ڌرڻو هنيو دادو ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولوي غلام حسين چنا، شاهنواز خشڪ، مولوي منظور احمد سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جوهي موڙ وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو متياري ۾ به عام چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران سارنگ مگراڻو سليم سنڌي، امير بخش ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو، سانگهڙ ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ملي ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران عزيز الله ساند، رب ڏنو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ قانگاريو اسٽاپ وٽ ڌرڻو هنيو ويو عمر ڪوٽ ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولانا يعقوب نعماني، عمران ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو ويو موري ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو غوثپور ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولانا شمس دين پيرزي، مولوي ڪفايت الله ۽ مولانا جمالدين اوگاهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ راجا بجاراڻي لاڙي وٽ ڌرڻو هنيو لکي غلام شاهه ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو پيهرلو ۾ اليڪشن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف جي يو آءِ ڪارڪنن پاران قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو تندي باگي ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران مولوي عبدالواحد فاروقي جي اڳواڻي ۾ بدر چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو سڪرنڊ ۾ جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف مولانا عبدالقيوم چنا، قربان ڪلر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ باءِ پاس تي ڌرڻو هنيو ويو نصير آباد ۾ به جي يو آءِ ڪارڪنن پاران قاري محمد عثمان مغيري، مولوي ياسين ڪانڌڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو. ماڇڻهڻ ۾ به جي يو آءِ ڪارڪنن پاران چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلي خلاف مولانا سدير احمد رند. شاهجهان ڪوسو، عڪاشا عباسي، مولانا علي گل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪاڻوٽ وٽ انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو اڳواڻن جو چوڻ هو ته ڌانڌلي ذريعي جي يو آءِ جو ميندڊيٽ چوري ڪري چور عوام مٿان مڙهيا ويا آهن. جنهن خلاف پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن چيو ته ڌانڌلي ۾ آر او سميت ٻيا سرڪاري آفيسر ملوث آهن. عام چونڊن ۾ بدترين ڌانڌلي ڪري جي يو آءِ اميدوارن کي شڪست ڏني وئي آهي

بقايا | سنڌيار | 01

علي پٽ طارق علي سهتو ۽ ستين ڪلاس جو شاگرد 13 ورهين جو سمير علي پٽ شڪيل سهتو گذريل ڏينهن جو پراسرار نموني گم ٿي ويا، ان سلسلي ۾ ٻنهي ٻارن جي وارث نور محمد سهتو ٻڌايو ته سنڌن ٻار بازار مان سامان وٺڻ لاءِ گهران نڪتا ۽ واپس نه موٽيا جنهن تي سنڌن گهڻي ڳولا ڪئي ۽ پتو پئجي نه سگهيو هن گهر ڪئي ڏڪر ٿيل ٻارن جي ڳولا ۾ سنڌن مدد ڪئي وڃي هوڏانهن ٻارن جي موبائيل فون ٽريس ڪرائي وئي ته سنڌن آخري لوڪيشن روهڙي لڳ ملي جنهن بعد هنن جا فون مسلسل بند ٻيا ملن ٻئي پاسي ٻارن جي گمشدگي جو اطلاع خانواهڻ ٿاڻي تي ڏنو ويو ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي خانواهڻ ٿاڻي جي ايس ايڇ او ٻڌايو ته گم ٿيل ٻارن جي ڳولا ڪئي پئي وڃي آخري اطلاعن تائين سنڌن ڪوبه ڏس پتو پئجي نه سگهيو هيو

بقايا | سنڌيار | 02

ڪرڻ جو الزام لڳايو آهي ان سلسلي ۾ ممتاز مهر جو چوڻ آهي ته سنڌس پٽ شمن مهر کي شادي جي دعوت بهاني گهرائي جوابدار شهباز پٽ بدو مهر ۽ جوابدار امان الله پٽ سومر سوڊڙو پستل جا فائر ڪري قتل ڪيو آهي مقتول نينگر جي والد ممتاز مهر چيو ته ظالمن منهنجي معصوم پٽ کي قتل ڪري اسان سان ظلم ڪيو آهي فوري طور قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي هوڏانهن حد جي گهوٽڪي پوليس ڳوٺ شير مهر مان جوابدار شهباز مهر کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي جڏهن ته هن وقت تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي هوڏانهن مقتول نوجوان شمن مهر جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي

بقايا | سنڌيار | 03

فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ ۽ ٻين سيتا روڊ ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

بقايا | سنڌيار | 04

ڪندي چيو ته عوام جو مينڊيٽ چوري ڪيو ويو آهي سرڪاري مشينري پ پ سان گڏجي ڌانڌلي ڪئي آهي. جي يو آءِ اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هڪ ڌر کي منصوبي تحت مئنڊيٽ ڏيئي عوام جي حق تي ڌاڙو هنيو ويو، مٿن تي پٽڪا ته ۾ ڪفن ٻڌي نڪتا آهيون احتجاج ختم نه ٿيندو. گذريل اليڪشن ۾ اڌ ووٽ کڻندڙن ڪارڪردگي زيرو هجڻ باوجود ٻيڻا ووٽ ڪڍايا ويا. جي يو آءِ جي ڌرڻي سبب سکر، شڪارپور، جيڪب آباد ڪنڌڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي روڊ جي ٻنهي طرفن کان ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽ گاڏين جون قطارون لڳي ويون. ڌرڻي ۾ مولوي مشتاق احمد سهندڙو، مولانا غلام قادر بروهي، ايڊوڪيٽ زاهد ڀهڙ، محمد طيب ميڪو سميت وڏي انگ ۾ جي يو آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 05

ڪلب نوشهرو فيروز آڏو احتجاج ڪيو ۽ هن ٻڌايو ته منهنجي پٽ کي اڪرم شيخ، مشتاق شيخ اغوا ڪري بدترين تشدد جو نشانو بنائڻ کان پوءِ گهر آڏو ڦٽو ڪري ويا، بيهوشي جي دوران سبب اسان اسپتال وياسين پرائيويٽ علاج نه ڪيو ويو ۽ غريب سمجهي ڌڪاريو ويو هن تشدد ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ صحي علاج ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا | سنڌيار | 06

خودڪشي جو ڪارڻ معلوم ناهي ٿي سگهيو حد جي پوليس ب اهڙي خودڪشي واري واقعي جي تصديق ناهين ڪري سگهي خودڪشي ڪندڙ نوجوان جو واقعو ڳجهه ۾ رکيو ويو آهي

بقايا | سنڌيار | 07

نظام جي بهتري لاءِ لازمي آهي: سنڌي هاري تحريڪ زمينن تي قبضن ۽ سنڌو درياهه جي قتل خلاف سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن سان رابطاڪاري ڪئي ويندي،علي نواز ڏاهري، مرڪزي آرگنائيزر. سنڌي هاري تحريڪ تفصيل موجب : سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو اجلاس، مرڪزي آرگنائيزر علي نواز ڏاهري جي صدارت ۾ ڏي ٽين پليجو هائوس قاسم آباد حيدرآباد ۾ ٿي گذريو. اجلاس ۾ سنڌ جي هارين جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو، اهم فيصلا ڪيا ويا، اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻي تي ڌاڙن خلاف جدوجهد هلائي ويندي. سنڌو درياهه بچائڻ لاءِ سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن سان رابطاڪاري ڪئي ويندي. سنڌو درياهه جو تحفظ دنيا جي ماحولياتي نظام جي بهتري لاءِ لازمي آهي. ٿل ڪينال فيز ٽو رٿا سنڌ جي وجود تي وار آهي. هي ڪينال ملڪي سلامتي لاءِ نقصانڪار آهي. نگران سرڪار جا آئين کان مٿانهان فيصلا برداشت نه ڪبا. ملڪي سلامتيءَ لاءِ آئين تي عملدرآمد لازمي آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻي تي ڌاڙن خلاف 9 مارچ تي شاهپور چاڪر ۾ هاري ڪانفرنس ڪوٺائي ويندي. هاري ڪانفرنس ۾ سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن کي دعوتون ڏنيون وينديون. هاري ڪانفرنس ۾ مانجهي فقير سميت سنڌ جا قومي راڳي پنهنجي فن جو مظاهرو به ڪندا. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي 13 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين عسڪري ادارن ۽ غير ملڪي سرمائيدارن کي ڏني پئي وڃي، جڏهن ته سموري ملڪ جي 44 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين نيلام ڪئي پئي وڃي جنهن جو انگ 44 لکن کان وڌي 90 لک يا اڃا به وڌيڪ ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن ڪري هڪڙي پاسي ملڪ جو آبپاشي نظام متاثر ٿيندو، هارين کي زمين جي آبياري لاءِ پاڻي نه ملندو ته ٻي طرف وري سموري ملڪ خصوصن سنڌ جا هاري بي دخل ٿيندا. هارين جي بي دخلي خلاف ملڪ جي عوام دوست اديبن، شاعرن، قلمڪارن ۽ هاري ۽ مزدور سياسي سماجي اڳواڻن کي جدوجهد جي ميدان تي اچڻ گهرجي. گرين ڪارپوريٽ انيشيٽو پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني ايسٽ انڊيا ڪمپني کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي مقامي ماڻهن کان زمينون ڦري، غير ملڪي سرمائيدارن حوالي ڪرڻ خلاف مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. اجلاس ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري، ايڊوڪيٽ اسماعيل خاصخيلي، غلام مصطفي چانڊيو، حسين سومرو، دريا خان زئور، بلاول لاشاري، علي نواز عالماڻي ۽ ٻين اڳواڻ شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 08

جي ڪوشش ڪئي. گاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن جي ڪار مٿان فائرنگ، گولي ڪار جي دروازي پرسان لڳي، واپاري ۽ سنڌس پٽ معجزاتي طور محفوظ رهيو ڏڙو پوليس بيلو ٿاڻي جي حد جو چئي سمجهي رهي. شهري ۽ واپاري عدم تحفظ جو شڪار، هفتو اڳ ڏڙو جي سينئر صحافي وفا ارشاد ميمڻ کان ڏينهن ڏٺي هٿياربند تشدد بعد ڦر ڪري ويا هئا. ان موقعي تي ڏڙو جي واپاري سيٺ دليپ ڪمار، ڪائونسلر پريم ڪمار ۽ ٻين سخت احتجاج ڪندي چيو ته ڪراچي کان واپس ڏڙي اچي رهيا هئاسين ڏلوٽيا سم نالي وٽ ڏڙو بيلو روڊ بلاڪ ٿيل هو. گاڏي نه بيهارڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي. هن چيو ته واقعي بعد ڏڙي ٿاڻي تي پهتاسين ته ايس ايڇ او ڏڙو چيو ته واقعو بيلو ٿاڻي جي حد ۾ ٿيو آهي. اسان بيلو پوليس کي اطلاع ڪريون ٿا. هنن چيو ته ڏڙو، بيلو روڊ ڌوهارين کي لٽڻ تي ڏنو ويو آهي. تازو صحافي وفا ميمڻ کان پڻ ڦر ٿي هئي. واپاري دليپ ڪمار کان ڦر جي ڪوشش دوران ڪار تي فائرنگ ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 09

گرفتار ڪري اسان جا دڪان تان دڪاندارن کي موبائيل چوري خريدڻ جي مبينا الزام هيٺ روزانو گرفتار ڪري رشوت وٺي آزاد ڪيو وڃي ٿو هنن چيو ته اسان موبائيل فون خريدڻ وقت ان جي شناختي ڪارڊ ۽ ڊبي بغير ڪو به موبائيل خريد ناهيون ڪندا سکر پوليس جا اهلڪار اسان کي بي گناهه گرفتار ڪري رشوت وٺي آزاد ڪن ٿا هنن چيو ته جيڪڏهن اهو پوليس جو سلسلو جاري رهيو ته پوليس جي مبينا زيادتين خلاف تحريڪ هلائينداسون

بقايا | سنڌيار | 10

شرڪت. جعلي مينڊيٽ نامنظور، جهرلو اليڪشن نامنظور جا اُپ ڏاريندڙ نعرا هنيا.

ڪنڌڪوٽ ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهري کي سنڌ جي نائب امير ۽ تڪ 191 جي اميدوار حافظ نصرالله چنا ۽ ضلعي امير غلام مصطفي ميرائي خطاب ڪندي چيو ته جيڪي پ پ اميدوار ورڪ تي نڪرڻ ۽ عوام جي سامهون بيهڻ جي صلاحيت نه پيا رکن اهي ڏيڍ ڏيڍ لک ووٽ کڻي ڪئين ڪامياب ٿيا، ۽ اوز ذريعي چونڊون ڪٽيندڙ عوام جا نه ۾ خلائي مخلوق جا نمائندا ضرور آهن. وري جهڙي طرح ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جي مينڊيٽ تي ڌاڙو هڻي 05 نمبر واري پارٽي کي کٽايو ويو انهي عمل نه جمهوريت جو جنازو ٿي ڪڍي ڇڏيو آهي. حيدرآباد ۾ پريس ڪلب آڏو ڌرڻي کي مرڪزي نائب امير ۽ اين اي 219 تي نامزد اميدوار ڊاڪٽر معراج الهدي صديقي ۽ ضلعي امير عقيل احمد خان خطاب ڪندي چيو ته 08 فيبروري تي جهرلو چونڊن عوام جو ووٽ ۽ چونڊن نان اروڙاهه ٿي کٽائي ڇڏيو آهي. اڌ ملڪ وڃائڻ باوجود ملڪي طاقتور قوتون سبق ناهن سکيون. اليڪشن ڪميشن پنهنجي دعوي موجب شفاف، آزاد ۽ اٿڏريون چونڊون ڪرائڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي وئي آهي. سکر ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهري کي صوبائي اڳواڻ علامه حزب الله جکرو، زبير حفيظ شيخ،سلطان لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته چونڊن واري ڏينهن انٽرنيٽ ۽ موبائل سروس بند ڪرڻ ڌانڌلي جي شروعات جڏهن ته نتيجا 30 ڪلاڪن کان پوءِ ڏيڻ مان ثابت ٿيو ته 08 فيبروري جي چونڊن ۾ عوام جي ووٽ واري حق تي وڏو ڌاڙو هنيو ويو آهي. عوام جعلي مينڊيٽ کي هرگز تسليم ڪونه ڪندو. لاڙڪاڻي ۾ رٿيل احتجاجي مظاهري کي صوبائي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ، عاشق ڏاهراءِ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته فور جعلي مينڊيٽ کي هرگز تسليم ڪونه ڪندي. ڪراچي جهڙي شهر ۾ جن ڌانڌلي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ته انهن لاڙڪاڻي جيڪب آباد ۽ ڪشمور سميت سنڌ ۾ ڪهڙا نه ڪلور ڪيا هوندا. ڪراچي ۾ ڪجهه اميدوار مشڪل سان هڪ لک ووٽ کنيا پرهتي پ پ جي هڪ اميدوار هڪ لک 65 هزار ووٽ تائين ووٽ کنيا آهن ميرپورخاص ۾ مارڪيٽ چوڪ تي رٿيل مظاهري کي مقامي امير حاجي نور الاهي مغل، تحسين احمد پٺو خطاب ڪندي چيو ته 08 فيبروري وارين چونڊن ۾ اليڪشن بدران سليڪشن واري جهان ووٽ جي تقدس کي پامال ڪيو آهي. آراوز آفيسرن جي مداخلت ذريعي فارم 45 جي نتيجن کي فارم 47 ذريعي تبديل ڪرڻ واري رويي عوام جو جمهوري نظام تان اعتماد ختم ڪري ڇڏيو آهي. ڪراچي ۾ جماعت اسلامي طرفان 08 هنڌن اسٽار گيٽ، شاهه فيصل، ڪورنگي، واٽرپمپ چورنگي، يوپي موڙ، اورنگي، حسن اسڪوائر، قائد آباد چورنگي ۽ ناظم آباد ۾ احتجاجي ڌرڻا هنيا ويا. جنهن کي مقامي اڳواڻن حافظ نعيم الرحمن، محمد اسلام ،فاروق نعمت الله،عرفان احمد،توفيق الدين، سيد قطب ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته اليڪشن ڪميشن کي چڱي طرح معلوم آهي ته ايم ڪيو ايم کي عوام ووٽ ناهي ڏنو پرتنهن هوندي به عوام جي مسترد ٿيل پارٽي کي ڪراچي تي مسلط ڪرڻ عوام جي حق مٿان ڌاڙو ۽ شهر کي هڪ ڀيرو ٻيهر بدامني، خونريزي ۽ ٻوري بند لاشن جي سياست ڪندڙن حوالي ڪرڻ برابر آهي. پلا ٻڌايو ته بلديه فيڪٽري ۾ 259 شهرين کي زنده ساڙڻ واري پارٽي سان ڪير همدردي ڪندو؟ هاڻي انهن کي ايم ڪيو ايم نه ۾ آرمي مورمينٽ چيو ۽ لکيو وڃي. اڳواڻن زور ڀريو ته کٽيل پارٽين جو مينڊيٽ واپس ڪيو وڃي. جعلي مينڊيٽ کي تسليم نه ڪيو ويندو ۽ نه ئي وري جعلي مينڊيٽ واري سنڌ اسيمبلي کي هلڻ ڏنو ويندو. بدين ۾ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهري کي مقامي اڳواڻ عبدالقدوس احمدائي ۽ ضلعي امير علي مردان شاهه گيلاني،يعبدالڪريم بليدي خطاب ڪندي چيو ته اليڪشن ڪميشن ڌانڌلي ۽ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. آراوز ۽ ڊي آر اوز ذريعي عوامي حقن جي سودي بازي ڪئي وئي آهي. 08 فيبروري جون چونڊون ملڪي تاريخ جون بدترين چونڊون هيون جنهن ۾ عوام جي ووٽ کي عزت ڏيڻ بدران نوٽ ۽ بوٽ کي عزت ڏني وئي. ڪراچي سميت سموري سنڌ ۾ جهڙي طرح سان آرآوز عوامي راءِ عامه جون ڌجيون اڏايون ۽ من پسند اميدوارن کي زوري کٽرايو ويو اهڙو مثال ماضي ۾ ڪڏهن به نٿو ملي. اڳواڻن چيو ته پلي چا ٻه ٿي پوي جماعت اسلامي ڪراچي ۾ پنهنجي ڦر ٿيل مينڊيٽ جي واپس وٺڻ لاءِ احتجاج جاري رکندي. هوڏانهن نوشهروفيروز ۾ ايڊوڪيٽ شبير خانزاده، شڪارپور ۾ عبدالرحمن مگريو، حافظ سرفراز پٺو ۽ ٻين احتجاجي مظاهري کي خطاب ڪيو#.

بقايا | سنڌيار | 11

جماعت اسلامي جي عوامي مينڊيٽ جو احترام ڪندي نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جماعت اسلامي جي مينڊيٽ جو نوٽيفڪيشن جاري نه ڪيو ويو ته اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا | سنڌيار | 12

موقعي تي پ پ اڳواڻ وڪيل ديدار حسين پٺو، محمد اسلم پٺو، علي گل پٺو، محمد پريل پٺو، نجيب علي ڪنير، ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 13

وٺي قرآن خواني بعد نياز تقسيم ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن يونس جمالي، غلام نبي، الابخش پنهور زين گهلو، شمس الدين پٺو، افضل جمالي بشير احمد سولنگي سميت وڏي انگ ۾ ورڪرن شرڪت ڪئي اڳواڻن ڪامريڊ شهيد نظير احمد جمالي جي جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته شهيد نظير احمد جمالي کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي نظرئي سان وفاداري سبب قاتل پوليس بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو زرداري ليگ مافيائن جو ٽولو آهي جنهن کي صرف اصل پيپلزپارٽي شهيد ڀٽو ئي شڪست ڏئي سگهي ٿي سنڌ پاڪستان جي بقا خوشحالي ڀٽوعزم محترمه فاطمه ڀٽو، ذوالفقار علي ڀٽو ثاني جي ليڊر شپ ۾ آهي جيڪي جلد عوام جي مدد سان ملڪ ۾ سرسبز مستقبل انقلاب برپا ڪندا ان ڏينهن ڪنهن ظالم تي رحم نه ڪيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 14

۾ به چونڊن ۾ ڌاندلين خلاف جمعيت العلماءِ اسلام بدين ضلع جي اڳواڻ مولانا فتح محمد مهير مولانا محمد اسماعيل خاصخيلي مولانا عبدالواحد فاروقي جي اڳواڻي ۾ پر چوڪ من ٽرڪول روڊ تي صبح کان ڌرڻو هنيو ڌرڻي ۾ شريڪ جمعيت العلماءِ اسلام بدين جي حلقه اين اي 223 ۽ پي ايس 70,71,72 تي نامزد اميدوارن صحافين کي ٻڌايو ته اليڪشن ڪميشن جي ناڪامي جي باعث پوروسنڌ سراپا احتجاج آهي هنن چيو ته جمعيت العلماءِ اسلام جينامزد اميدوارن کي ڌاندلين ذريعي هارايو ويو آهي جنهن جو مثال هي آهي ته 2018 جي چونڊن ۾ اسان جي اميدوار هتان ڏهن هزارن کان وڌيڪ ووٽ کنيا ۽ هن وقت اسان جي ووٽن ۾ هزارن جي واڌ ٿي آهي پر اسان جا ووٽ گهٽ ڪري اسان جا ووٽ ئي چند سئو ظاهر ڪيا ويا آهن هنن چيو ته آر اوزءِ اليڪشن ڪميشن هڪ منصوبي تحت پيپلزپارٽي کي مينڊيٽ ڏنو آهي جڏهن ته عوام جو ڏنل مينڊيٽ چوري ڪيو ويو آهي جنهن جي اسين سخت مذمت ڪريون ٿا هنن چيو ته جيستائين چوري ٿيل عوامي مينڊيٽ جمعيت العلماءِ اسلام جي اميدوارن کي واپس نٿو ڪيو وڃي تيستا تيستائين اسان جو پرامن احتجاج جار رهندو ڌرڻي سبب من ٽرڪول روڊ تي ٽريفڪ نظام معطل ٿي ويو جنهن سبب عوام ۽ مسافرن کي سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پيو ڌرڻو رات تائين به جاري رهيو

بقايا | سنڌيار | 15

جاويد ڪرناني جيئي سنڌ معاذ جي ضلعي صدر امجد شورو ٽئو بچايو فورم جي دلاور شيخ، جمشيد قريشي جسقم بشير خان جي فرهاد چانڊيو مالڪ بروهي جيئي سنڌ تحريڪ جي باغي فرهاد ميمڻ رفيق ڪنڀار جانو پٺو ۽ صوفي صدام چانڊيو فدا ميمڻ امام علي هنگورو ساگر بروهي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب لئي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جاري آهي پر جيڪڏهن ڪير ان خلاف آواز اٿاري ٿو ته ان کي کڻي گم ڪيو وڃي. هنن چيو ته جيئي سنڌ تحريڪ جي انور بزدي، فيصل وگڻ سميت سوين قومي ڪارڪنن کي کڻي گم، ڪيو ويو آهي، هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ مان جبري طور تي کڻي گم ڪيل قومي ڪارڪنن

کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي، جيڪڏهن سنڌن خلاف ڪو ڪيس آهي ته ڪين عدالتن ۾ پيش ڪيو وڃي.

بقايا | سنڌيار | 16

مظاهري ۾ پي ٽي آئي جي وفد جي شرڪت، قاتل گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف آچرڏينهن ايس يوجئي صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلوجاري رکيو ويو احتجاج ۾ سکر پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي،شهزاد تاباني،نصر الله وسير، عمر سومرو ، جلال الدين پيو، ڪاشف قلپوٽو، فقير مشتاق منگريو، جهانزيب وسير، محمد رضوان صديقي، بابر کوکر، فضل الرحمان قريشي، صلاح الدين سمجو،ابراهيم سومرائي ،نعيم غوري تدبير قريشي، انس ملڪ، عقيل قريشي، ،اعظم منگريو ،اسلم دايو سميت پاڪستان تحريڪ انصاف عورت ونگ جي اڳواڻ صنيه بلوچ ۽ داوا خان جي اڳواڻي ۾ عورت ۽ مرد ميمبرن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته شهيد جان محمد مهر جي وڇوڙي کي 6 مهينن جو وڏو عرصو گذري چڪو آهي پر حڪومت ۽ سکر پوليس کي ڪوڙا دلاسا ڏيڻ ڪانسواءِ ڪجهه عملي ڪم نه ٿو ڪرڻ اچي، قانون کي مذاق بڻايو ويو آهي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت پاران ايف آئي آر ۾ نامينيٽ جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو حڪم مليل آهي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ واري عمل کي مسلسل نظرانداز ڪيو ويو آهي هاڻي پراڻي دور جي هٿڪنڊا استعمال ڪري خاموش ڪرائڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي گهرجي هنن چيو ته جيستائين قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا | سنڌيار | 17

ايوب سولنگي ڪئي، جڏهن ته دادو پريس ڪلب جي صدر صابر علي پنڊ، جنرل سيڪريٽري غوث علي جهتيال، سينيئر نائب صدر شهزاد چانڊيو، نائب صدر سرور جلال سولنگي، خزانچي رضوان غني منگي، ادل مهيسر يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل پاڪستان ايشيا جي عهديدارن ۽ ميمبرن جا ٿورا مڃيا ۽ اڳواڻن چيو ته دادو پريس ڪلب مظلوم ماڻهن جو سهارو بڻجي ڪري دادو جي صحافين معاشري ۾ نالو ڪمايو آهي سول سوسائٽي جي ماڻهن ۽ سياسي، سماجي، مذهبي، ڪاروباري، ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران دادو پريس ڪلب جي بهترين رپورٽنگ جي تعريف ڪئي پئي وڃي. ان موقعي تي فياض حسين ڏاوچ، ايڊووڪيٽ فهد ڏاوچ، فياض خاصخيلي، اميربخش چانڊيو، زبير احمد ميمڻ، عمران چنه، زاهد چانڊيو، خالد سيال، شعبان شاهاڻي، منور سولنگي، عمران ملاح، شاهجهان ڏاوچ، عبدالغني ڏاوچ، راجه سولنگي ۽ ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. تنظيم پاران دادو پريس ڪلب جي آيل نون عهديدارن کي اجرڪ، ٽوپيون ۽ گلن جا هار پارايا ويا.

بقايا | سنڌيار | 18

علائقن جي موسم تمام بهترين آهي هتي جا ماڻهو محبت ڪندڙ آهن انهن چيو اسين ڪراچي ۽ ٻين کي چونداسين ته هتي اچو پرامن علائقو آهي،شاهه زيب فارم جي مالڪ طارق بلوچ پڻ سائيڪل رائيڊ جي اڳواڻي ڪئي

بقايا | سنڌيار | 19

ادل سومرو، خواجه ذوالفقار منظور بيدار ڳالهائيندي چيو ته رحيمداد خان مولائي شيدائي غريبي حال ۾ به سنڌ بلوچستان جي تاريخ تي انڪل 50 سالن تائين قلمي پورهيو ڪري تاريخ کي ڪتابن جي صورت ۾ سهيڙيو پر افسوس ته اڄ اسان هن جي قبر جا نشان نه ڳولهيون بچائي سگهيا مولائي شيدائي تاريخدان، محقق، شاعر ،خطاط سان گڏ ڪالم نگار وڏو صحافي پڻ هيو هن اخبارن ۾ ڪارٽون ڇپڻ جي شروعات ڪئي هئي .رحيمداد خان مولائي شيدائي جا اجان ڪيترائي اڻ ڇپيل ڪتاب پيا آهن اهي ڇپجڻ گهرجن سکر آرٽس جس لهڻي جنهن مولائي شيدائي جي 45ورسي ملهائي آهي. افسوس آهي جن تاريخ ادب تي تاريخي حوالي سان وڏو ڪم ڪيو آهي انهن کي وساري ڇڏيو جن جي ورسين تي اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجي ۽ نوجوانن کي به ڄاڻ ڏيڻ گهرجي . جڏهن ته پروگرام ۾ اختر درگاهي ممتاز بخاري حڪيم زنگيجو زاهد راهوجو سجاد ميراڻي .گل جوڻيجو سميت اديبن شاعرن شهرين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

بقايا | سنڌيار | 20

ملير ۾ ضلع جي امير مولانا احسان الله ٽڪروي، جنرل سيڪريٽري مولانا اجمل شاهه شيرازي جي اڳوائي ۾ احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا، جمعيت جي ڪارڪنن قائد آباد لڳ مرغي خاني وٽ قومي شاهراهه تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، جنهن سبب انڊس هاءِ وي ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي ۽ گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جو احتجاج پرامن آهي اسان ڪنهن جي ملڪيت کي ڪوئي نقصان نه پهچائينداسين، اسان جو اليڪشن ڪميشن جي سليڪشن خلاف احتجاج آهي، اسان کي سنڌن پڌرا ڪيل نتيجا قبول نه آهن.

بقايا | سنڌيار | 21

مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو ۽ ٻين شهيدن جي مزارن تي حاضري ڀرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 8 فيبروري تي اليڪشن ٿي آهي سنڌ ۾ پيپلز پارٽي ڀيريان کان وڌيڪ سيٽون کٽي سنڌ ۾ سوئيپ ڪيو آهي. اليڪشن ۾ ڪاميابي بعد شهيدن جي مزارن تي اچي سلام پيش ڪندا آهيون ۽ شهيد بيبي کي ٻڌائيندا آهيون ته اسان توهان جي پارٽي کي ڪامياب بڻائي رهنداسين ۽ هڪ ڏينهن پوري پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت هوندي. ڪجهه ماڻهن ان کي اشو بڻائي تعصبي انداز ۾ ڌرڻا هڻي رهيا آهن. مان انهن مخالفن کي چوان ٿو ته توهان ڌرڻا هڻي عوام جي بيعزتي ڪري رهيا آهيو جنهن عوام پنهنجي ووٽ جو حقيقي استعمال ڪيو آهي جنهن ڪري پيپلز پارٽي کي وڌيڪ ووٽ مليا ۽ پيپلزپارٽي ڪامياب ٿي وئي توهان ان تي خفا ڇو ٿا ٿيو؟ توهان پنهنجي جدوجهد جاري رکو اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين اسان کي عوام ڪترايو آهي ان تي ارهان کي اعتراض نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن عوام اسان کي ڪامياب ڪرائي ٿو ته قانون سازي جو اختيار به اسان رکون ٿا مخالف ڌرڻا هڻي پنهنجي مخالفت وڌائي رهيا آهن پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اليڪشن مهم دوران چيو هو ته اسان فرق جي سياست نه ٿا ڪرڻ چاهيون اسان سڀني کي گڏ ڪري هلنداسين. اسان جو اهو تجربو ڪيترا ڀيرا ڪامياب ويو آهي. پيپلز پارٽي لوڪل گورنمينٽ جي اليڪشن ۾ به سموري سنڌ ۾ سوئيپ ڪيو هو جيڪا ڳالهه به مخالفن کي پسند نه آئي. هاڻ اسان عام چونڊن ۾ به سوئيپ ڪيو آهي ته ڪجهه قوتن کي پسند نه ٿو اچي ان ڪري مان انهن جي هڪ ڀيرو ٻيهر چوان ٿو ته دڙن جي سياست کي ڇڏي ڏيو پاڪستان کي ڪيترائي مسئلا آهن سياست، حڪومت ۽ قانون سازي جا مسئلا آهن انهن کي گڏجي ويهي حل ڪنداسين جيڪڏهن ڪنهن کي اليڪشن ۾ شڪست ملي آهي ته ان کي قبول ڪري اڳتي وڌندا رهو جيڪڏهن ڪنهن به پارٽي سان ڳالهيون ٿيون آهن ته مون کي ان نتيجي خبر ناهي. اسان ائين به چيو آهي ته پيپلز پارٽي ڪامياب ٿي آيل آزاد اميدوارن سان گڏجي حڪومت جوڙي سگهي ٿي اسان ڪنهن سان به ڳالهيون ڪري سگهون ٿا ۽ اسان وٽ ڪو اچي ته اسان جا دروازا هميشه کليل آهن. باقي اها ڳالهه بعد جي آهي ته اسان ڪنهن سان گڏجي ويهي حڪومت جوڙيون ٿا ان لاءِ هاڻ ڪجهه به چوڻ مناسب ناهي. سنڌ ۾ پيپلزپارٽي کي ڪليئر ميجارٽي آهي پ پ جا 110 ميمبر ٿيندا. ان لاءِ ڪنهن کي گڏجي حڪومت جوڙڻ جي ضرورت ناهي اسان اسيمبلي کي گڏ ڪٺي هلندا آهيون. اسيمبلي ۾ آواز اٿندا آهن اسيمبلي ۾ مسئلا پيدا ٿيندا آهن ۽ اسيمبلي ۾ ئي مسئلن جو حل ٿيندو آهي ۽ ب پ سڄي سنڌ جي خدمت ڪندي اهي ڳوٺ هجن يا شهر هجن اسان سنڌ جو فرق ختم ڪرڻ چاهيون ٿا پوري سنڌ هڪ هوندي ٻهراڙي ۽ شهري فرق ختم ڪنداسين. اسان سموري سنڌ کي بهتر ڪرڻ چاهيون ٿا ته جيئن سموري سنڌ کي سنڌ ٿي چيو وڃي. جيڪڏهن اپوزيشن ۾ ويهڻ جو مرحلو آيو ته اسان اپوزيشن ۾ ويهڻ کان گهٻرائيندا نه آهيون اسان 2018ع ۾ اپوزيشن ۾ ويٺا هئا

سين. سنڌ جي عوام جون پ پ. ۾ اميدون آهن ۽ رهنديون اسان اهڙا قدم کڻنداسين جن سان عوام کي فائدو ملي ۽ انهن جون اميدون پوريون ٿين بوڙ مٿارين هجن يا نه هجن اسان انهن مرحلن تي اسان ان طرف ٿي قدم کڻنداسين ته جيئن انهن ماڻهن جو اميدون پوريون ٿين عوام اسان تي اعتماد ڪيو ان لاءِ هن پيري عوام اسان کي وڌيڪ سيٽن ۾ ڪامياب ڪرايو فندن جو بندوبست ٿيل آهي رهيل ترقياتي ڪم مڪمل ڪرايا ويندا. ان موقعي تي خورشيد جوڻيجو، ڊاڪٽر شفقت سومرو، قمرالدين گرپانگ ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا.

بقايا | سنڌيار | 22

سبب 4 ڪلاڪ ٽريفڪ مڪمل بند رهي، حيدرآباد،ڪراچي ۽ لاڙڪاڻو ويندڙ سوين گاڏيون ڦسي ويون .ان موقعي تي مرڪزي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد محمود سومرو، مولانا نواز الله بروهي،حافظ محمد اسحاق ڪونهارو،مولانا علي اصغرلغاري ۽ ٻين چيو ته اسان پوري ملڪ ۾ 8 فيبروري تي ٿيندڙ اليڪشن کي رد ڪيون ٿا اها اليڪشن نه ۾ سليڪشن آهي جنهن کي نه ٿا مڃيون. عوام جي ٽيڪس جا اربين روپيا برباد ڪري پنهنجا نوازي پاليسي تحت پنهنجا ماڻهون منتخب ڪيارايا آهن جنهن کي ملڪ جو عوام رد ڪري چڪو آهي .هن چيو ته فوج ۽ عدالتي نگراني ۾ اليڪشن ٻيهر ڪرائي وڃي.جڏهن ته راشد محمود سومري لاڙڪاڻي کان پهچي دادو ۾ لڳل ڌرڻي کي خطاب ڪندي وڌيڪ چيو ته ملڪ جي عوام سان ڪريٽ توڙي غداري ڪئي آهي جن کي سنڌ ۽ ملڪ جي عوام رد ڪيو آهي اهي رانوڪي رات ۾ لکين ووٽ کٽي ڪامياب ٿي ويا آهن.اليڪشن ڪميشن پاڪستان تان ملڪ جي عوام جو اعتبار کڄي ويو آهي،سنڌ کي پنهنجي وڏن جي ملڪيت سمجهندڙ آصف زرداري سنڌ کي وڪڻي ڪرب پٽي کان اڳتي پهتو آهي ۾ سنڌس جو پيٽ پرڄڻ جوڳو عمل آهي ته آهي. آصف رزداري واحد ماڻهون آهي جيڪو زال جي نالي تي سجاتو وڃي ٿو هي مفاهمت جو بادشاهه نه ۾ پيو ڪجهه آهي هي سياستدان نه پر سفيد پوش ڌاڙيل آهي،سڄي سنڌ اندر بدترين اليڪشن سليڪشن ۾ تبديل ڪئي وئي آهي. هٽ سان سنڌ کي تباهه ڪرڻ جو منصوبو جوڙيون ويو آهي، اسان انقلاب جو اعلان ڪري چڪا آهيون هي وقت گهر ۾ ويهڻ جو نه آهي ملڪ جو عوام هي ٻي مان باغي آهي. سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ ٻيهر اليڪشن جو مطالبو ڪيون ٿا چاڪاڻ جوهن نتيجن تي دنيا جي عالمي ادارن سميت اسان ۽ عوام کي سخت خدشا آهن. ان موقعي تي سوين جي يو آءِ جا ڪارڪن موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 23

جي نتيجي ۾ هڪ جٿو قتل ٿي ويو. مارجي ويل جي سڃاڻپ مٺل پٽ غلام حسين ٻوڪ طور ٿي آهي جهيڙي جي اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ رواني ٿي جتي متاثر ڌر ٻڌايو ته آصف پٽ ڪريم بخش ٻوڪ وارن فائرنگ ڪري مٺل ٻوڪ کي قتل ڪيو آهي.

بقايا | سنڌيار | 24

۾ ڌانڌلي ڪرڻ خلاف سنڌ جي ٻين شهرن جيان سجاول ۾ پڻ جي يو آءِ طرفان سجاول باءِ پاس بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو ويو آهي مولوي اسماعيل قاسمي مولوي اشرف ميمڻ مولوي نجيب الله ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ اهڙو احتجاج جاري آهي روڊ بلاڪ هئڻ ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن کان سوين گاڏين ڦسي ويون

بقايا | سنڌيار | 25

سهارو جو ڪو هن ننڍي عمر ۾ پاپوڙ وڪڻي گهر جو گذر هلائيندو هو گذريل هڪ هفتي کان گم ٿي ويو آهي جنهن جي ڏک ۾ هن جي والدا سخت پريشان حال آهي بدين ٿاڻي تي رپورٽ ڪرڻ جي باوجود بدين پوليس هن معصوم نوجوان کي ڳولڻ لاءِ ڪي به اُپاءِ نه ورتا آهن بدين جي ساجاهه وند ماڻهن ڊي ايس پي بدين کي اپيل ڪئي آهي ته هن معصوم عمير ميمڻ کي بازياب ڪرايو وڃي

بقايا | سنڌيار | 26

وي تي شاميانا هڻي 10 ڪلاڪ ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ ايس يو پي ضلع جامشورو جي صدر خدا بخش ٿيبو مدد علي سولنگي ۽ ٻين پڻ حمايت ۾ شرڪت ڪئي ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي طرفن کان سوين گاڏين ڦسي ويون جنهن سبب مسافرن ۽ مظاهرين ۽ چڪرين پڻ ٿينديون رهيون وڏي تعداد ۾ پوليس نفري مقرر ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ۽ ملڪ ۾ وڏي پيماني ڌانڌلي ڪرائي پ پ جي اميدوارن کي ڪترايو ويو آهي رات پيٽ ۾ جمعيت جي ڪٽيل اميدوارن کي هارايو ويو هنن مطالبو ڪيو ته فارم. 45 تحت رزلٽ جاري ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ قيادت جي حڪم تي سخت احتجاج ڪيو ويندو هوڏانهن جمعيت اڳواڻ علامه راشد محمود سومرو جي حڪم تي ڌرڻو پائمرادو ختم ڪيو ويو

بقايا | سنڌيار | 27

تان جهيڙو ٿي پيو. ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان لٺين سرين جو وسڪارو ڪري ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌر جي ٽن عورتن مسمات عظمي، ميران ،ياسمين لاکو سميت 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا. جڏهن ته ٻئي ڌر جو جان محمد، اسماعيل، رزاق لاکو سميت 18 ڄڻا زخمي ٿي پيا جن کي ملاڪاتيار ليٽر ڏئي ٽنڊومحمدخان اسپتال منتقل ڪيو. جهيڙي سبب علائقي ۾ ڇڪتاڻ، خوف هراس واري صورتحال رهي، ملاڪاتيار پوليس پنهنجي اخبار کي چيو ته ٻنهي ڌرين پلاٽ جي مالڪي ۽ سڳاوتي تڪرار هلنڌڙ آهي جنهن تان واقعو پيش آيو. ٻنهي ڌرين رپورٽ داخل ڪئي وئي ۽ ڳوٺ پوليس پڪٽ پڻ قائم ڪري ورتي آهي. هوڏانهن آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪوبه جوابدار گرفتار ٿي نه سگهيو.

بقايا | سنڌيار | 28

اميدوارن جا آيل نتيجا روڪي وري پنهنجا من پسند نتيجا ظاهر ڪيا ويا آهن. جنهن سان نه صرف جمهوريت جو نقصان ڪيو ويو آهي پر سياسي طور ملڪ جي جمهوري نظام کي مزاق بڻايو ويو آهي . هن چيو ته چونڊن جي نتيجن تي ڪيل احتجاج جي سنڌ ترقي پسند پارٽي پرپور حمايت ڪري رهي آهي سنڌ جي پيداواري وسيلن جي ڪيل لٽ مار . تباهڪارين جي ذميوار پ پ کي سنڌ جي عوام پنهنجو ووٽ نه ڪيو آهي پر زبردستي من پسند نتيجا ڏئي هر هنڌ سنڌ جي اندر پ پ جي اميدوارن کي وڏي اڪثريت سان چوري جو مينڊيٽ ڏنو ويو آهي ، ٽنڊو محمد خان سميت سنڌ جي اندر ڌانڌلي جي ذريعي حاصل ڪيل نتيجن کي رد ڪريون ٿا . جيڪو عمل جمهوريت لاءِ داغدار آهي جنهن جو اليڪشن ڪميشن کي فوري طور نوٽيس وٺڻ گهرجي . سنڌ پاڪستان ۾ تبديل ڪيل نتيجا رد ڪري ڌانڌلين جي ذريعي ڪامياب ٿيل اميدوارن جا نتيجا روڪي انهن تڪن تي ٻيهر چونڊ ڪرائي اليڪشن کي شفاف بڻايو وڃي ، بلڙي شاهه ڪريم جي صوبائي تڪ 67 تي اليڪشن ڪميشن جي مقرر عملي جعلي ووٽن کي روڪڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي . جنهن ۾ پ پ جي مخالف اميدوارن جي حمايتين کي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي . ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڏنل ڌمڪين باوجود بلڙي شاهه ڪريم جي عوام . پارٽي ڪارڪنن ڪيس پرپور ووٽ ڪيا. جنهن جي ڪري سنڌس ووٽن جو تعداد مخالف پ پ اميدوار خرم ڪريم سومرو کان ٻيڻ تي هو ۽ پ پ اميدوار چوند مرحلي ۾ هارائي چڪو هو پر چوند نتيجن کي اليڪشن جي قائم ڪيل پولنگ تي انجنيئرنگ ذريعي نتيجا تبديل ڪري بوٿن ۾ ووٽن جي باڪسن کي تبديل ڪيو ويو. جنهن جي ڪري صرف 20 کان 25 هزار ووٽ حاصل ڪندڙ پ پ اميدوار کي 51 هزار ووٽ ڏياري سنڌس ڏنل مينڊيٽ تي حيران ڪري حيرت ۾ وڌو ويو . جيڪو اڄان پنهنجن نتيجن کي ڏسي خوش فهمي ۾ مبتلائي ويو آهي . ڪيس هاڻي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام ڪيس ڪو به ايڏو وڏو مينڊيٽ نه ڏنو آهي جنهن جي ڪري هاڻي ساڳئي تڪ تي عوام سان اينڊڙ اليڪشن تائين رابطو اهڙو برقرار رکيو جيڪو سنڌن هر ڏک ۽ سک ۾ نه صرف گڏ رهيو ۾ سنڌن عوامي مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ پرپور جاکوڙ ڪبي . ترقي پسند پارٽي سنڌ دشمن منصوبن خلاف هر محاذ تي عملي جدوجهد ڪئي آهي . ساڳئي طريقي سان علائقي جي عوام خلاف ڪنهن به انتقامي ڪاروائي کي منهن توڙ جواب ڏنو ويندو

.هن وڏيڪ چيو ته ملڪ ۾ چونڊن کان پوءِ جيڪا به سياسي جوڙجڪ ذريعي هاڻي حڪومت قائم ٿيندي اها به پنهنجو مدو پورو ڪري نه سگهندي . غلط نتيجن سان قائم ڪيل اسيمبلين ۾ وڏو بحران پيدا ٿيندو . جيڪو قائم ٿيندڙ سليڪٽيڊ سرڪار کي هلڻ نه ڏيندو .جنهن جي ڪري وري ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جي ضرورت آهي . سنڌ ترقي پسند پارٽي سنڌ ۽ پاڪستان جي چوند نتيجن کي رد ڪري ڇڏيو آهي . اليڪشن ڪميشن کان ٻيهر چونڊون ڪرائڻ سان گڏ جعلي ووٽن جي ڪميشن ذريعي جانچ ڪرائڻ جو پڻ مطالبو ڪيو آهي . انهي موقعي تي سنڌ ترقي پسند پارٽي جو مرڪزي اڳواڻ عبدالحميد ميمڻ ، ڊاڪٽر احمد نوناري ، سول سوسائٽي جو ڊاڪٽر جي ايم گل ، شوڪت بروهي ، سنڌ ترقي پسند پارٽي جو اڳواڻ اقبال حاجاڻو ، جمن سمون ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا .

بقايا | سنڌيار | 29

ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر پريس ڪلب ميرپورماٿيلو کان جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پٺائي چوڪ آڏو بک هڙتال ڪئي وئي. بک هڙتال ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جيئي سنڌ محاذ، ايس يو پي ۽ نوجوان اتحاد، سنڌي ادبي سنگت جي اڳواڻن قومي ڪارڪنن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. بک هڙتال دوران اغوا ٿيل نوجوانن جي بازيابي، قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ ضلع ۾ امن امان جي بحالي لاءِ نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي جسقم ضلع صدر فقير رمضان ڪلوڙ مير حسن لاشاري، جسقم مرڪزي اڳواڻ ڪمال مهر نظير احمد شيخ، ايس يو پي ضلع جنرل سيڪريٽري اڪرم ميتلو جساق اڳواڻ سردار شهريار خان مرٿاس، سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري اياز ڪهاوڙ نوجوان اتحاد جي اڳواڻ جنيد جلبائي، وقار لغاري. جسقم ضلع اڳواڻ اصغر شيخ، منير احمد بوزدار ۽ ٻين چيو ضلع گهوٽڪي ۾ بدامني جو راڪاس ڇانيل آهي جنهن سبب شهري پريشان آهن . ضلع ۾ ڦرون ڌاڙا قتل اغوا ڪاريون روز جو معمول بڻيل آهن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ضلع گهوٽڪي ۾ بدامني لاقانونيت اغوا ڪاري قبيلائي تڪرار ساوند سندرائي ۽ گهوٽا پيري تڪرارن کي ختم ڪرائي ضلع گهوٽڪي مان اغوا ٿيل نوجوان رنت ڪمار انجنير ايريگيشن اختر علي لغاري مير احمد جلبائي ۽ ٻين کي بازياب ڪرايو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته قبيلائي تڪرار سنڌ لاءِ ناسور بڻيل آهن ۽ روز اسان سنڌي هڪ ٻئي جو رت وهائي رهيا آهيون قبيلائي تڪرارن سبب سوين نوجوان قتل ٿي ويا آهن. جسقم اڳواڻن اعلان ڪيو ته ضلع گهوٽڪي ۾ وڌندڙ بدامني اغوا ڪاري لاقانونيت ۽ قبيلائي تڪرارن جي خاتمي ۽ ضلع گهوٽڪي مان اغوا ٿيل مغوين جي بازيابي لاءِ جلد ميرپورماٿيلو ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس گهرائي لائحه عمل جوڙيو ويندو.

بقايا | سنڌيار | 30

سپ کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪيون ۽ جيڪا ن ليگ جي ڪاميابي آهي. هن چيو ته ميان نواز شريف وزيراعظم پاڪستان ٿيندو ۽ ميان نواز ليگ جي وزيراعظم ٿيڻ بعد ملڪ ۾ ترقي ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته ميان نواز شريف جي اچڻ سان مهانگائي تي ڪنٽرول ڪري کاڌي پيتي جي شين سميت، پيٽرول، گهريلو گيس، بجلي ۽ ٻيون شيون سستيون ڪيون وينديون امن امان جي صورتحال کي بهتر ڪيو ويندو هن چيو ته گهوٽڪي ضلعي جا ڪيترائي ماڻهون ڌاڙيلن جي جنبي ۾ آهن. جان، مال ۽ عزتون محفوظ ناهن نواز شريف جي وزيراعظم ٿيڻ بعد بدامني تي ڪنٽرول ڪيو ويندو. هن سان گڏ نواز ليگ جا عهديدار ميان رحمت الله، علي ملهڻ، قيصر پٺاڻ ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 31

آهيون ڪنهن سان به دشمني ناهي مقتول جو ڀاءُ ٻيرن جو واپاري هو صبح گهران نڪتو شام جو لاش مليو وشيو ڪولهي خبرموجب شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ علي خان وساڻ ۾ پنج ڏينهن ٻهريان قتل ٿيل نوجوان امرشي ڪولهي کي تشدد ڪري قتل ڪرڻ جو سنڌس ڀاءُ وشيو ڪولهي جي فرياد تي شيخ پرڪيو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايف آئي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ شيخ پرڪيو پوليس واقعي جي جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ شڪ جي بنياد تي گرفتاريون پڻ ڪيون ويون آهن پوليس پاران گرفتار ٿيلن کان جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي قتل ٿيل نوجوان جي ڀاءُ پاران ايف آئي آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته سندس ڀاءُ ٻيرن جو واپاري هو جيڪو ڪراچي سبزي منڊي ويل هو ٻير ڪپائڻ جنهن جو شام ڏاري تشدد ٿيل لاش ڪيلي جي فصل مان هٿ آيو قتل ٿيل نوجوان جي وارثن پاران ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسان مسڪين ماڻهون آهيون اسان جي ڪنهن سان ڪابه دشمني ناهي اسان سان ظلم ٿيو آهي اسان جي نوجوان جي قاتلن کي فورن گرفتار ڪري ڪين سخت کان سخت سزا ڏني وڃي رابطي ڪرڻ تي شيخ پرڪيو پوليس موقف اختيار ڪندي چيو ته نوجوان جي واقعي جي جانچ ڪئي پئي وڃي جلد جوابدار گرفتار ڪيا ويندا

بقايا | سنڌيار | 32

ايڙو چيو اليڪشن ۾ مڪمل ڌانڌلي ڪري زرداري جي ماڻهن کي ڪٽرايو آهي. اليڪشن ڪميشن ۽ انتظاميه سنڌ ۾ پيپلن جي بي ٽيم ثابت ٿي آهي انصاف ملڻ تائين احتجاج جاري رهندو. مظاهرين چيو ته جن گاڏين ۾ عورتون، ٿشمليون ۽ مريض توڙي ميتون کڻي ويندڙ ايمبولنسز آهن انهن کي ڇڏيو ٿو وڃي باقي وڏين گاڏين کي روڪيو ويو آهي.

بقايا | سنڌيار | 33

پريس ڪانفرنس کي مخاطب ٿيندي چيو ته چونڊن عوام جي ڏنل ووٽ جو جمهوري عمل اهي جنهن ۾ سنڌ ۽ پاڪستان جي اندر پ پ جي ووٽ بئنڪ جو بي ڪنهن به سياسي پارٽي کي ايترو وڏو چٽڻي صوبن مان ووٽ ملي نه سگهيو آهي . جيترو پ پ جي اميدوارن کي عوام ووٽ ڏئي پنهنجي ووٽ جو قومي فرض ادا ڪيو آهي . جنهن سان پ پ جي ملڪ جي اندر چٽڻي صوبن ۾ مليل ووٽ پ پ کي پهرين پوزيشن ڏياري آهي . بلڙي شاهه ڪريم جي صوبائي تڪ 67 جا نتيجا سنڌس عوامي مينڊيٽ جو ثبوت آهي جنهن ۾ علائقي جي عوام سنڌس خاندان جي بزرگن جي ڪيل عوامي خدمتن جي نتيجي ۾ ڪيس پهريون ڀيرو ووٽ جو تمام وڏو انگ ڏئي ڪاميابي ڏياري آهي جيڪا ڪاميابي پاڪستان پيپلز پارٽي جي شهيدن جي ڏنل عظيم قرباني جو نتيجو اهي ، پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي نوجوان اعلي قيادت سياسي بصيرت هاڻي ملڪ جي سياست ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي . جنهن جي ڪري ملڪ جو نئون پهريون نوجوان وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ڪانسواءِ ٻيو ڪو به اميدوار وزيراعظم بڻجي نٿو سگهي . هن اهو به چيو ته پي ايس 67 تي ڌانڌلي جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي جنهن ۾ هڪ قومپرست پارٽي جي طرفان ب پ جي ورڪرس کي حراسمينٽ ڪرڻ سان گڏ پولنگ تي ڪين ووٽ نه ڏيڻ لاءِ ڌمڪايو ۽ هيسايو ويو پر ان جي باوجود ب پ جي جيالن عوامي مينڊيٽ سان پنهنجي همت کي جوش ۽ جذبي تحت پولنگ جي عمل کي جمهوري عمل ذريعي جاري رکي امن امان جي صورتحال قائم رکي جنهن جي ڪري ڪو به اڻوڻندڙ واقعو پيش اچي نه سگهيو ۽ چوند مرحلو پنهنجي مقرر وقت تي شفاف چوند نتيجن سان پ پ جي اميدوارن کي وڏي ڪاميابي ڏني آهي جيڪا علائقي جي عوام جي ووٽ جو نتيجو آهي . ماضي جي ڪجهه رهيل ترقياتي ڪمن ۾ هاڻي وري نئين عزم سان عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرائي ترقياتي اسڪيمون مڪمل ڪرايون وينديون . عوام کي صحت ، تعليم ، روڊن رستن جي تعميرات ۽ پيئڻ جي صاف پاڻي لاءِ اينڊڙ نئين حڪومت ۾ لاتعداد اسڪيمن ذريعي مسئلا حل ڪيا ويندا . عوام جي ڪنهن به ناراضگي کي ختم ڪري وري نئين اميد سان ترقياتي ڪمن کي مڪمل ڪيو ويندو ته جيئن عوام جا سمورا مسئلا حل ٿي سگهن ، ان موقعي تي پ پ جو ضلعي اطلاعات سيڪريٽري ڊاڪٽر مير حسن ملاح ، پ پ ستي صدر معشوق پٽي ، حارث صبحپوٽو ۽ ٻيا اڳواڻ موجود هئا.

بقايا | سنڌيار | 34

نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن کي جماعت اسلامي سنڌ جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري عبدالقدوس

احمدائي ۽ضلعي بدين جي امير سيد علي مردان شا گيلاني چيو آهي ته اليڪشن ڪميشن جي جانبداري ملڪ جي خراب صورتحال جي ذميوار آهي هنن چيو ته اليڪشن ڪميشن ضلعي آفيسرن ۽ ڊي آر اوز سنڌ جي عوام جي مينڊيٽ جو سودو ڪيو آهي هنن چيو ته اليڪشن ڪميشن ڌاندلي جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن سنڌ جي پولنگ اسٽيشنن تي پيپلز پارٽي جي اڳواڻن جي ذاتي ماڻهن کي پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو ۽ عورتن جي پولنگ مردن جي حوالي ڪيون ويون جتي عورتن جي ڪليل توهين ڪئي وئي هنن چيو ته پيپلزپارٽي عورتن جي حقن جي علمبردار سڏائي ٿي پر هن سيٽن خاطر ۽ چند ماڻهن جي خاطر سنڌ جي عورتن جي توهين ڪئي آهي هنن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ کي پنهنجي جاگير سمجهي ٿي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجي رعايا سمجهي انهن سان غلامن جهڙو سلوڪ ڪري رهي آهي هنن چيو ته اسان سنڌ جي عوام جو مينڊيٽ هر گز ڪسڻ نه ڏينداسين هنن چيو ته سنڌ جي عوام سان ناانصافيون ٿي رهيون آهن پر هاڻ انهن کان پنهنجي راءِ جو حق به کسيو ويو آهي هنن چيو ته هاڻي سنڌ جي عوام کي به پنهنجن حقن تي ڌاڙن خلاف تياري ڪرڻ گهرجي ۽ اسين به سنڌ جي عوام سان ويسا گهاتين تي خاموش هر گز ويهنداسين هنن چيو ته سنڌ ۾ ڌانڌلين ڪرڻ ۾ پيپلز پارٽي سان اليڪشن ڪميشن جي ملوث هجڻ جا ثبوت پيش ڪنداسين هنن چيو ته اسان کي دمادم مست قلندر ڪرڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي ملڪ جي اعلي عدالتن ۽ ملڪي ادارن ڌانڌلين جو نوٽيس وٺي ان جوازالو نه ڪيو ته حالتن جا ذميوار به اهي ادارا هوندا ان موقعي تي پي ايس 70 71 72 تي ۽ اين اي 223 تي جماعت اسلامي جي اميدوارن سيد علي مردان شا گيلاني الله بچايو هاليپوٽو عبدالڪريم بليدي علي گل موسي ملاح فتح خان ڪوسو ۽ ٻيا اڳواڻن به خطاب ڪيو

بقايا | سنڌيار | 35

جي ظلم خلاف وارثن جو احتجاج انصاف جو مطالبو خبر موجب جهڏولڳ سانگي ڦراهو جي رهواسي پورهيت ڪانڊيرو ماڇي پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ احتجاج ڪندي ڏانهنڊي چيو ته منهنجي شادي شده ڌيءَ ثمينا کي پيٽ ۾ رسولي هجڻ ڪري عمرڪوٽ جي خانگي اسپتال مان ڊاڪٽر وٽ علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽر پاران ڌيءِ جو غلط آپريشن ڪري آندو ويو ڇڏيو ڌيءِ جي حالت خراب ٿيڻ تي ٻيهر اسپتال کڻي وياسين ته ڊاڪٽر لڳاتار ٻه آپريشن ٻيهر ڪيا پندرهن ڏينهن اسپتال ۾ رکيو جتي منهنجو تمام گهڻو خرچ آيو مون پنهنجي گهر جو الهه تلهه کپائي ڇڏيو بعد ۾ پئسا ختم ٿيڻ تي ڊاڪٽر اسان کي اسپتال مان نيڪالي ڏئي ڇڏي هن چيو ته ڌيءِ جي آپريشن غلط ٿيڻ بعد هن جي حالت گهٽڻي جوڳي آهي علاج لاءِ مون پنهنجو سڀ ڪجهه وڪڻي ڇڏيو آهي هاڻي مون وٽ ڪجهه ناهي منهنجي ڌيءَ گهرانڌر

بقايا | سنڌيار | 36

جو ڪر جاري آهي. ڌانڌلي ذريعي نتيجا تبديل ڪيا پيا وڃن. پوليس ۽ رينجرز جي وڏي نفري ڊي آفيس آڏو پهچي وئي.

بقايا | سنڌيار | 37

خلاف سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن سان رابطاڪاري ڪئي ويندي،علي نواز ڏاهري، مرڪزي آرگنائيزر. سنڌي هاري تحريڪ تفصيل موجب : سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزنگ ڪميٽي جو اجلاس، مرڪزي آرگنائيزر علي نواز ڏاهري جي صدارت ۾ ڏي ٽين پليجو هائوس قاسم آباد حيدرآباد ۾ ٿي گذريو، اجلاس ۾ سنڌ جي هارين جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو ويو، اهم فيصلا ڪيا ويا، اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻي تي ڌاڙن خلاف جدوجهد هلائي ويندي. سنڌو درياهه بچائڻ لاءِ سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن سان رابطاڪاري ڪئي ويندي. سنڌو درياهه جو تحفظ دنيا جي ماحولياتي نظام جي بهتري لاءِ لازمي آهي. ٿل ڪينال فيز ٽو رٿا سنڌ جي وجود تي وار آهي. هي ڪينال ملڪي سلامتي لاءِ نقصانڪار آهي. نگران سرڪار جا آئين کان مٿانهان فيصلا برداشت نه ڪبا. ملڪي سلامتيءَ لاءِ آئين تي عملدرآمد لازمي آهي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ جي زمينن تي قبضن ۽ پاڻي تي ڌاڙن خلاف 9 مارچ تي شاهپور چاڪر ۾ هاري ڪانفرنس ڪرائي ويندي. هاري ڪانفرنس ۾ سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن کي دعوتون ڏنيون وينديون. هاري ڪانفرنس ۾ مانجهي فقير سميت سنڌ جا قومي راڳي پنهنجي فن جو مظاهرو به ڪندا. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي 13 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين عسڪري ادارن ۽ غير ملڪي سرمائيدارن کي ڏني پئي وڃي جڏهن ته سموري ملڪ جي 44 لک ايڪڙن کان وڌيڪ زمين نيلام ڪئي پئي وڃي جنهن جو انگ 44 لکن کان وڌي 90 لک يا اڃا به وڌيڪ ٿيڻ جو امڪان آهي. جنهن ڪري هڪڙي پاسي ملڪ جو آبپاشي نظام متاثر ٿيندو، هارين کي زمين جي آبياري لاءِ پاڻي نه ملندو ته ٻي طرف وري سموري ملڪ خصوصن سنڌ جا هاري بي دخل ٿيندا. هارين جي بي دخلي خلاف ملڪ جي عوام دوست اديبن، شاعرن، قلمڪارن ۽ هاري ۽ مزدور سياسي سماجي اڳواڻن کي جدوجهد جي ميدان تي اچڻ گهرجي. گرين ڪارپوريٽ انيشيٽو پرائيويٽ لميٽيڊ ڪمپني ايسٽ انڊيا ڪمپني کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي مقامي ماڻهن کان زمينون ڦري، غير ملڪي سرمائيدارن حوالي ڪرڻ خلاف مسلسل جدوجهد جي ضرورت آهي. اجلاس ۾ سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري، ايڊوڪيٽ اسماعيل خاصخيلي، غلام مصطفي چانڊيو، حسين سومرو، دريا خان زئور، بلاول لاشاري، علي نواز عالماڻي ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا | سنڌيار | 38

آهيون ڪنهن سان به دشمني ناهي. مقتول جو ڀاءُ ٻيرن جو واپاري هو صبح گهران نڪتو

جي يو آءِ جي سڏ تي چونڊن ۾ مبينا ڌانڌلين خلاف ٻيهرلوءِ باءِ پاس تي احتجاجي مظاهرو

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) جمعيت علماءِ اسلام جي سڏ تي جي يو آئي پاران مبينا ڌانڌلي خلاف ٻيهر لوءِ باءِ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيون جيڪو صبح کان شام تائين جاري رهيو ڌرڻي دوران سنڌ بلوچستان ۽ سنڌ پنجاب کان ايندڙ ويندڙ گاڏيون قطارن ۾ بيهجي ويون جنهن سبب مسافر گاڏين ۾ ڪيترائي ڪلاڪ ويٺل رهيا ۽ مسافرن گاڏيون مٿائي پنهنجي منزلن ڏانهن روانو ٿيڻ دوران مشڪلاتن سان منهن ڏيڻ لڳا مقامي ماڻهون ب سخت پريشان رهيا پوري سنڌ جي 28 هنڌن تي نيشنل هاءِ وي بلاڪ ڪيا ويا سکر جي ٻيهرلوءِ نيشنل هاءِ وي پر عاقل سميت پيا هنڌن تي ڌرنا سجهو ڏينهن جاري رهيا سکر واري ڌرني جي اڳواڻي جمعيت علماءِ اسلام ضلعي سکر جي سيڪريٽري جنرل حضرت مولانا محمد صالح انڍڙ مفتي سعود افضل هاليجوي. جي يو آءِ جي نامزد اميدوار مير مبين خان بلو امير بخش عرف مير مهر،غلام الله هاليجوي. حافظ عبدالحميد مهر، قاري لياقت علي مغل،مفتي اعظم مهر ۽ ٻيا شامل هئا.ڌرني ۾. شريڪ ماڻهن جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ جي يو آءِ جا جهنڊا هئا.ان موقعي تي اڳواڻن مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته هي 2024 واري جنرل اليڪشن ۾ مبيان ڌانڌلي زريعي پ پ جي اميدوان کي ڪترايو ويو آهي جيڪو قابل قبول نه آهي. اليڪشن ڪميشن سمورن تڪن ۾ من پسند نتيجن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو عوام جي ووٽن جي خيانت آهي ۽ و ت ملڪ جي امانت ، انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته پرزائيڊنگ آفيسر طرفان ايجنٽن کي فارم 45 به نه ڏنو ويو. علامه راشد محمود سومرو چيو ته اليڪشن ڪميشن اسان جو مينڊيٽ چوري ڪيو آهي. پولنگ ايجنٽن جي شڪايت تي سڄي سنڌ ۾ پولنگ اسٽيشنن تي ڪين ڌمڪايو ويو. خاص ڪري سکر جي تڪ پي ايس 22 ۾ اسان جي اميدوار کي جاتي واڻي هارايو ويو آهي ۽ ڪٽيل ووٽ ضايع ڪيا ويا. هنن مطالبو ڪندي چيو ت اليڪشن ڪميشن سکر طرفان ڪيل ڌانڌلي واري عمل جو فوري طور تي نوٽيس ورتو وڃي ۽ پي ايس 22 سميت ٻين تڪن ۾ ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ ڪرائي عوام ۽ ڪارڪنن ۾ پکڙيل بيچيني کي ختم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

دادو: پاڪ فوج جي جوانن مٿان فائرنگ ڪيس ۾ عرفان لغاري، عمران لغاري ۽ قمبر لغاري مٿان ڪيس داخل

دادو(نيوز سنڌيار) ميهڙ ۾ رات دير سان مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ پاڪ فوج جي جوانن مٿان فائرنگ هل هنگامي بعد گذريل رات کان حراست ۾ ورتل اين اي 227 تي چونڊيل پ پ پ ايم اين اي عرفان لغاري سندس ڀاءُ اڳوڻو ايم اين اي عمران لغاري ۽ سندس چاچو ميتا ٽائون ڪاميٽي جو چيئرمين قمبر لغاري سميت 200 نامعلوم ماڻهن تي ميهڙ بي سيڪشن ٿاڻي تي دهشتگردي ائڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪيس ۾ اين اي 227 تي چونڊيل ايم اين اي عرفان لغاري ان جو ڀاءُ عمران لغاري ۽ سندس چاچو ٽائون ڪاميٽي ميتا جو چيئرمين قمبرلغاري کي جوابدار ڄاڻايو ويو آهي ۽ داخل ڪيل ڪيس ۾ دهشتگردي ائڪٽ جا ڪلمر لڳايا ويا آهن ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪيل ڪيس گناهه نمبر 50/2024 ڪيس ۾ فريادي ايس ايڇ او بي سيڪشن محمد انور لغاري موقف اختيار ڪيو آهي ته جوابدار عرفان ظفر لغاري عمران لغاري ، قمبر لغاري سميت 200 ماڻهن جوابدارن پاڪ آرمي جي ڊگري ڪاليج واري ڪئمپ مٿان فائرنگ ڪري دهشتگردي ڪئي آهي واضع رهي ته گذريل رات دير سان پ پ پ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۽ ڊگري ڪاليج پرسان هل هنگامو ڪري سوشل ميڊيا تي ويڊيو هلائي الزام هنيو هيو ته سرڪاري ادارن جي ماڻهن ۽ ڪجهه پرائيويٽ ماڻهو بيلٽ باڪس چوري ڪري رهيا آهن جنهن بعد ڇڪتاڻ وڌي وئي ۽ علائقي ۾ فائرنگ پڻ ٿي جنهن بعد وڏي تعداد ۾ پ پ پ جا مقامي اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ پهتا هوڏانهن ذريعن مان معلوم ٿيو آهي ته پوليس ايم اين اي عرفان لغاري سيتا چيئرمين قمبر لغاري کي حراست ۾ وٺي نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس هن وقت تائين پ پ پ اڳواڻن جي گرفتاري ظاهر نه ڪري سگهي آهي هوڏانهن ميهڙ ڊگري ڪاليج ٻاهران وڏي تعداد ۾ نفري کي مقرر ڪيو ويو آهي ۽ علائقي ۾ سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن

سکر ۾ پي ٽي آءِ پاران عمران خان جي حمايت ۾ احتجاج

سکر (رپورٽ :امداد علي گل ڪلوڙ) پي ٽي آءِ سکر جي اڳواڻن پريس ڪلب سکر آڏو اڳوڻي وزيراعظم پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان جي حمايت ۾ پريس ڪلب سکر آڏو تحريڪ انصاف جا جهنڊا کڻي پريس ڪلب سکر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي ميڊم صفيا بلوچ ۽ ٻين عمران خان جي حمايت نعريبازي ڪندي چيو ت اسان جو يار قيدي نمبر 804 جيڪو ملڪ جو وفادار آهي اسان اڄ ب ان جي حمايت ۾ نڪتا آهيون هن پوري ملڪ مان وڏي اڪثيرت سان ڪاميابي ماڻي آهي ان جي مينڊيٽ جو احترام ڪيو وڃي

نئون ديرو پريسان چانڊيا ۽ ڏاهاڻي برادري جهيڙو، اي ايس آءِ شهيد

نئون ديرو(رپورٽ: شاد محمود پنهو) لاڙڪاڻي شهر جي ماهوٽا ٿاڻي جي حد ڏاهاڻي موڙ تي چانڊين ۽ ڏاهاڻي ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني نتيجي ۾ چانڊيه ڌر جو محمد حسن چانڊيو، ڏاهاڻي ڌر جو عمران ڏاهاڻي قتل ۽ پوليس اي ايس آءِ سلطان شاهه شهيد ٿي ويو. اطلاع تي ڊي ايس پي صدر ۽ ايس ايڇ او ڪنگا واقعي واري هنڌ پهتا جتي هٿياربندن فائرنگ ڪري پوليس مٿان حملو ڪري ڏنو جنهن ۾ ڊي ايس پي بشير شر، پوليس اهلڪار صدام موهل، مسعود ڏاهاڻي، غفار ڏاهاڻي عرفان ۽ اعتبار ڏاهاڻي سخت زخمي ٿي پيا. واقعي بعد مقتولن جا لاش ۽ زخمين کي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو ان حوالي سان ماهوٽا پوليس رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته شروعاتي جاچ موجب ڏاهاڻي ۽ چانڊيا ذات جي ٻن ڌرين ۾ سياسي جلسي ڪرائڻ جي ڳالهه تان جهيڙو ٿيو آهي جنهن ۾ ڊي ايس پي بشير شر پوليس موبائيل ۾ گشت ڪندڙ اي ايس آءِ سلطان شاهه ۽ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو. زخمين ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ويو پوليس جو وڌيڪ چوڻ هو ته واقعي واري هنڌ پوليس نفري پهچي فائرنگ بند ڪرائي آهي. هوڏانهن ايس ايس پي لاڙڪاڻو سيد عبدالرحيم شيرازي واقعي واري هنڌ پهچي هوٽل تي موجود هوٽل مالڪ. مزدورن ۽ علائقي واسين کان تفصيل معلوم ڪيا ۽ ڪين سيڪيورٽي فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي لاڙڪاڻو چيو ته افسوسناڪ واقعو آهي. ڪالهه هنن جو جهيڙو ٿيو جنهن ۾ علي حسن ڏاهاڻي اچي چانڊيو جي هوٽل ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي جنهن جو سياسي جماعت سان آهي اهڙي واقعي جي ايف آءِ آر داخل ٿي بعد ۾ حد جي ٿاڻي جي پوليس ان جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا اڄ صبح ساڍي 6 کان 7 وڳي هو ٻيهر هٿيار کڻي اچي هنگامو آرائي ڪئي جنهن تي هوٽل وارن 15 تي ڪال ڪئي بعد ۾ ڊي ايس پي صدر ۽ ايس ايڇ او ڪنگا پوليس نفري سان گڏ هتي پهتا ۽ ڪوشش ڪئي ته حالتن کي ڪنٽرول ڪيو وڃي پر هٿياربندن فائرنگ ڪئي جنهن ۾ ماهوٽا ٿاڻي جو اي ايس آءِ سلطان شاهه شهيد ۽ هڪ چانڊيو به قتل ٿيو آهي. هن وقت پتو پيو آهي ته هڪ ڏاهاڻي زخمي ٿيو جيڪو به فوت ٿي ويو آهي. واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون واقعي ۾ ملوث توڙي خاص طور جن پوليس کي نقصان پهچايو انهن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچايو ويندو هن چيو ته رات ايف آءِ آر داخل ٿيڻ کان پوءِ پوليس ڪا به گرفتاري ناهي ڪئي ۽ جيڪي حقيقي جوابدار هوندا انهن کي گرفتار ڪيو ويندو. هن چيو ته ڊي ايس پي صدر ۽ ان جي گن مين صدام کي به ڌڪ لڳا آهن جيڪي زخمي ٿي پيا آهن. ٻئي پاسي پيپلز پارٽي اڳواڻ برهان خان چانڊيو پڻ واقعي واري هنڌ پهچي چانڊيه برادري جي معززن ۽ هوٽل مالڪ ۽ مزدورن کان تفصيل معلوم ڪيا. ميڊيا سان ڳالهائيندي برهان خان چانڊيو چيو ته مون کي به حيرت ٿي ٿئي ته وچ شهر ۾ ايڏو وڏو واقعو ٿيو آهي اهو ڪنهن کي نه پاتڻ چئجي. پير ڪوايترو ڪمزور ناهي اهي ته اسان جا ڀائر آهن پر ائين ناجائزي برداشت کان ٻاهر آهي، رات اچي ڀڃ ڊاهه ڪرڻ بعد صبح جو اسان جي ماڻهن ۽ پوليس واري کي شهيد ڪيا ويا آهن. منهنجي آءِ جي سنڌ، مراد علي شاهه، ڊي آءِ جي ناصر آفتاب سان به ڳالهه ٻولهه ٿي آهي جنهن خاطري ڪرائي آهي ته اسين ماڻهن کي گرفتار ڪنداسين. واقعي جي ايف آءِ آر سرڪار طرفان داخل ڪئي ويندي چاڪاڻ پوليس وارو به شهيد ٿيو آهي ۽ اسين اسٽيٽ سان گڏ آهيون، اسان پرامن شهري آهيون. اسان جي ماڻهن سان رات ۽ اڄ صبح سان به بي واجبي ڪئي اٿن اهو نه ٿيڻ کپي. هي سياسي جهيڙو ته ناهي جيڪي گهرويتا آهن انهن سان وڃي وڙهن اسان چانڊين ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. چونڊن ۾ مان يا چانڊيه ته ڪونه بيٺا. جيڪڏهن سياست ڪرائي اٿن ته معظم صاحب جو گهر وليد ۽ ساٿين وارن جو ڳوٺ فريد آهي هٿن هڪبئي بندوقون. هنن غريبن ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي. جهيڙو ڪرڻو اٿن پاڻ ۾ ڪن. اسان جو گناهه ڪهڙو آهي ۽ اسان سان بيگناهه جو وڙهيا آهن اسين واقعي جي سخت مذمت ڪندي برداشت نه ڪنداسين. سپريم ڪورٽ جو آرڊر آهي ته هڪ واقعي جون ٻه فريادون نه ٿيون ٿي سگهن. پوليس وارو شهيد ٿيو آهي ۽ ان ڪيس ۾ اسٽيٽ فريادي آهي. متاثر ۽ شاهد به اسٽيٽ طرفان گواهه آهن. پر هنن کي ائين ڪرڻ مناسب نه هو

شام جو لاش مليو وشيو ڪولهي خبرموجب شيخ پرڪيو ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ علي خان وساڻ ۾ پنج ڏينهن ٻهريان قتل ٿيل نوجوان امرشي ڪولهي کي تشدد ڪري قتل ڪرڻ جو سنڌس ڀاءُ وشير ڪولهي جي فرياد تي شيخ پرڪيو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ايف آئي داخل ٿيڻ ڪانپوءِ شيخ پرڪيو پوليس واقعي جي جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ شڪ جي بنياد تي گرفتاريون پڻ ڪيون ويون آهن پوليس پاران گرفتار ٿيلن کان جانچ شروع ڪري ڇڏي آهي قتل ٿيل نوجوان جي ڀاءُ پاران ايف آئي آر ۾ موقف اختيار ڪيو آهي ته سندس ڀاءُ ٻيرن جو واپاري هو جيڪو ڪراچي سبزي منڊي ويل هو ٻير ڪپائڻ جنهن جو شام ڏاري تشدد ٿيل لاش ڪيلي جي فصل مان هٿ آيو. قتل ٿيل نوجوان جي وارثن پاران ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسانجي رابطي ڪرڻ تي شيخ پرڪيو پوليس موقف اختيار ڪندي چيو ته نوجوان جي واقعي جي جانچ ڪئي پئي وڃي جلد جوابدار گرفتار ڪيا ويندا

روزاني سنڌيار ڪي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com